
دليون درسگاهون
عائشہ ميمڻ

سنڌيءَ ۾ شاعري تخليق ٿيئي پئي ۽ اڪتي بہ ٿيندي رهندي، هڪڙا مسافر ويندا تہ ٻيا ٻيا ايندا. اُتساهہ جا دروازا بند نہ ٿيڻ گهرجن، دلين جو درسگاهون آباد هجن. آس وندن جون خواهشون دربدر نہ ٿين. عائشہ ميمڻ جي شاعري ڪهڙي معيار جي آهي، وقت جو نقاد ان جي ڇنڊڇاڻ ڪندو، جي منجهس آرت ۽ فڪري ندرت هوندي تہ اها رهندي نہ تہ ماضيءَ جو حوالو بنجي ويندي. نون آوازن کي ٻڌڻ کپي ۽ انهن جي آجيان ٿيڻ کپي.
عائشہ ميمڻ جي شاعري احساسن ۽ جذبن جو هڪ نئون آواز آهي، جيڏانهن ڌيان ڌرڻ گهرجي. دل جي عبادت گاهہ جون دعائون ٻڌڻ گهرجن، ڇو تہ تخليق بہ درد آهي، دعا آهي.
ادل سومرو
سنڌي ادب ۾ شاعرن جي کوٽ کڻي نہ بہ هجي، پر شاعرائن جي کوٽ برابر آهي ۽ انهن ۾ بہ پنهنجي ڌار سڃاڻپ سان، پنهنجو پاڻ کي مڃرائيندڙ شاعرائون تہ بنهہ آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون آهن، اهڙي ماحول ۽ اهڙي صورتحال ۾ 'عائشہ ميمڻ' جو لکڻ ۽ سُٺو لکڻ، گهڻو سُٺو لڳو اٿم.
عائشہ ميمڻ جي شاعريءَ ۾، زندگي پاڻ پَسائي ٿي، پنهنجن سمورين خوبصورتين ۽ بدصورتين سان هُوءَ سندس شاعريءَ ۾ جيئري جاڳندي موجود آهي- سچي ڳالهہ اها آهي تہ رڳو لکڻ ڪافي نہ آهي، اُن ۾ اندر جي احساسن ۽ ٻاهرين پيڙائن کي گڏي شاعريءَ ۾ پيش ڪرڻ جو ڍَنگ اچڻ بہ لازمي آهي ۽ عائشہ ميمڻ ڏات ۽ ڏانءَ کي سهڻي نموني پنهنجي شاعريءَ ۾ ساندڻ جو ڪم خوب ڪيو آهي هُن پنهنجي ذاتي تجربن، مشاهدن ۽ وارتائن کي، جيئن جو تيئن شعرن جو ويسُ ڍَڪايو آهي، جيڪو وڻندڙ بہ لڳي ٿو ۽ دل ڇُهندڙ بہ.
اياز گل

دليون درسگاهون

شاعري

عائشہ ميمڻ

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ جا سڄڻو سلام .....

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر **چوهتر (74)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **"دليون درسگاهون"** سنڌ جي بهترين شاعره **عائشہ ميمڻ** جي شاعريءَ تي مشتمل آهي.

اسين ٿورائتا آهيون ادي عائشہ ميمڻ جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ قرب پياري دوست مرتضيٰ لغاريءَ جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني. هي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن قنبر** پاران ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

ارپنا

آءٌ پنهنجو هيءُ تخليقي جذبن جو پورهيو

ارپيان ٿي

پنهنجي بابا سائين

الهندو ميمڻ کي

ءِ منڙي جيجل مرحومہ **زينب خاتون** کي

جن جي ٻاجهہ جيون جي نٿِهڻ اُس ۾ مون مٿان ڇانورو رهي آهي؛ ءِ جيڪي منهنجي هر ساهہ ۾ سمايل آهن.

ءِ گل جي پنکڙيءَ جهڙي ڀائٽيءَ

دُعا کي

جنهن جا ٻاتا ٻول، تنهائي ۾ منهنجي بيقرار من کي آنند بخشيندا آهن.

اداري پاران:

عائشہ ميمڻ ۔ عورت ليکڪائن جي نئين ٿهيءَ جو نئون آواز، پنهنجي پهرئين ڀرپور تخليقي جوهر '**دليون درسگاهون**' سان سنڌي جديد شاعريءَ جي سفر ۾ پنهنجا فني ۽ فڪري حوالي سان شانائتا غزل پيش ڪري رهي آهي.

عائشہ ميمڻ جو ادبي سفر ايتري طوالت رکندڙ ناهي، هُوءَ انهن عورت شاعرائن مان هڪ آهي، جيڪي پنهنجي ساءِ، پنهنجي اندَر ۔ اُور ڪاغذن تي اُوتي ڏَپي رکن ٿيون، ادبي منظر عام تي گهٽ اچن پيون يا وري ڪجهہ وقت لاءِ اچي، هميشہ لاءِ الوپ ٿي وڃن ٿيون. پر عائشہ ميمڻ جي حوالي سان اها ڳالهہ بہ ڀاڳوند آهي، تہ هوءَ مسلسل لکي رهي آهي ۽ منجهس جديد شاعراڻن گُهرجن پٽاندڙ سموريون خوبيون نمايان رنگن سان ڀريل آهن.

عائشہ ميمڻ جا 'دليون درسگاهون' جهڙي انوکي ٽائٽيل هيٺ پيش ڪيل غزلن ۾ فني خوبي نهايت اتم آهي، جيڪا عورت ليکڪائن ۾ بنهہ گهٽ آهي. هن وٽ ٻولي ۽ موسيقيت جي ڪمي محسوس نٿي ٿيئي، هن وٽ نئين زماني جي ڪوتا ۾ موجود موضوعن جهڙي ئي نيري بهار خوبصورت انداز ۾ وک وک تي ملي رهي آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ عائشہ ميمڻ پنهنجي شاعراڻي ۔ شهر جي شهزادي، هڪ مڪمل تخليقار آهي، جنهن وٽ فن سان گڏ فڪر بہ ندرت ڀريو آهي.

عائشہ ميمڻ جي آغازي ڏات جي اڏام نهايت ڀرپور ۽ نئين ٿهيءَ جي عورت ليکڪائن لاءِ هڪ مثال آهي. اميد آهي تہ هوءَ انهن نام نهاد فيميلست ليکڪائن کي تخليقي حوالي سان پوئتي ڇڏي ويندي، جن وٽ نہ فن آهي نہ وري عائشہ ميمڻ جهڙو سيني جذبن جي ترجماني ڪندڙ فڪر.

سعيد سومرو

ڪنول **پبليڪيشن قنبر**

Cell: 0333-7523132

Saeedsoomro4@yahoo. Com

تعارف:

دليون درسگاهون پائينڊ - عائشہ ميمڻ

اها ڪنهن کي پرک نہ هئي، نہ ئي وري اهو ڪنهن ڄاتو هوندو، تہ سنڌ جي تاريخي شخصيتن جي جنم ڀومي، نوشهروفيروز شهر جي هڪ ميمڻ محلا ۾، پهرين جنوري 1975ع تي، الهندو ميمڻ جي گهر ۾ هڪ ڪوي (شاعره) جو جنم ٿيو آهي، جنهن نالو آسيہ آهي؛ جيڪا اڳتي هلي سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ پنهنجو اهم نانءُ پيدا ڪندي ۽ تخليقي نانءُ **عائشہ ميمڻ** جي نالي سان سڃاتي ويندي.

پر هڪ نفيس جذبن جي مالڪ ۽ سماج جي درد سان سرشار عائشہ، آسيہ جي دل ۾ ڪڏهن ڪان لڪل هئي، اهو تہ ان آسيہ بہ نٿي ڄاتو. وقت گذريو، حالتن ڦيرو ڪاڌو، من ۾ تخليقي جذبن جي وڌندڙ ڪروڌ وڌيڪ عائشہ ڪي آسيہ رهڻ نہ ڏنو؛ ۽ هن قلم جي نوڪ کي ڪيفيتن جو امين سمجهي اپنائي ورتو . زندگيءَ جي ڊگر تي هلندي هن تعليمي ميدان ۾ ايم اي ،ايم ايڊ بہ ڪئي، ان سان گڏ سنڌ جي تعليمي مستقبل کي سنوارڻ واري جستجوءَ خاطر استاديءَ جو پيشو بہ اختيار ڪيو، هن وقت هوءَ هڪ جفاڪش ۽ شفيق استاد طور پنهنجون خدمتون بہ سر انجام ڏئي رهي آهي، تہ شاعريءَ جي ذريعي پيغام بہ ڏئي رهي آهي. هن جون اهي ٻئي خدمتون هن جي سياڻ کي نمايان ڪن ٿيون.

جيتري قدر آءٌ عائشہ کي سڃاڻان ٿو؛ عائشہ سنڌ جيجل لاءِ پنهنجي سوچ، لوچ ۽ وس ۽ وِت آهر عمل ڪندي رهي آهي. عائشہ سماج جي ماريل، مجبور ۽ غربت جي گهاڻي ۾ پيسجندڙ مسڪينن جي خدمت ۽ ٻارن جي

تعليم کي هٿي وٺرائڻ ۾ ڪابہ ڪسر ناهي ڇڏي. اهڙو عمل قومي سوچ ۽ درد رکندڙ انسانن ۾ ئي هوندو آهي.

عائشہ ميمڻ سان منهنجو ملڻ تہ نہ ٿيو آهي، پر فون تي ڪڏهن ڪمي ڪارين ڳالهائڻ ٿيو آهي، تہ ائين لڳندو اٿم تہ پنهنجي ئي ڪنهن گهر ڀاتيءَ سان مخاطب هجان. هن جي ڳالهائڻ ۾ سياڻپ، مائيٽو پن، اخلاق، ادب ئي نظر آيو آهي. سچ بہ اهو آهي تہ ادب ۽ اخلاق سان ئي هڪ انسان ، ٻئي انسان جي دل کٽي وٺندو آهي. اها سگهہ قدرت واري عائشہ جي طبيعت ۾ بہ سمائي آهي، جو جنهن سان بہ عائشہ مخاطب ٿيندي هوندي، ان کي عائشہ منجهہ پنهنجائپ محسوس ٿيندي هوندي.

عائشہ ميمڻ 1990ع کان باقائده شاعريءَ جي شروعات ڪئي. هن مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، جن مان خاص طور غزل تمام سهڻو لکي ڄاڻي. ان کان علاوه نظم، گيت، وائي، پنجڪڙو بہ شاندار لکيا اٿائين.

عائشہ جي شاعري ۾ پيار بہ آهي تہ سماج ۾ اجايو نفرتن کان بيزاري بہ آهي. ڀٽائي جي سورمين جا درد ۽ آهون بہ آهن، تہ انهن سان وفاداريون بہ آهن. ديس جي ڳيرو نوجوانن جي قرباني بہ آهي تہ انهن جا موڙ ٻڌا چهرا بہ آهن، رشتن جون ويساگهاتيون بہ آهن تہ انهن جي پنهنجي ٻانهن مٿان سر قربان ڪندڙ شعر بہ آهن. عائشہ جي شاعري سماج جو آئينو آهي، هن جي هر ست احساس رکندڙ ماڻهوءَ جي ضمير ۾ ڇُهنبڙي ضرور وجهي ٿي، جيڪا هڪ لڇاءِ ضرور ٿي پيدا ڪري، هن جي غزل جي شاعريءَ ۾ نماڻائي، رشتن جي لاتعلقي، سماجي قدرن جي پيچ ڍاهہ، ۽ ٻيون اهڙيون ڪيتريون ئي ڏکاريون ڪيفيتون جابجاءِ ملنديون. سندس غزل جون هي ستون پڙهي اوهان کي اندازو ٿي ويندو تہ هوءَ ڪيئن آمد کي تخليقي شاهڪار ٿي ٻڌائي؛ هن جي

پيشڪش جو انداز سادو سلوڻو، جدا گانو ۽ پنهنجو ئي آهي، پر ڏاڍو پر اثر آهي:

پاڻ نہ پنهنجون ڳالهيون رهنديون،
اڪڙيون ڪنهنجون آليون رهنديون.

ڪيسين هيءُ ڏهڪاءُ ڪراچي!
ڪيسين رت جون ناليون رهنديون؟

ائين ئي هوءَ ٻين صنفن ۾ بہ اجايو سجايو درد نہ ٿي اوري. هوءَ هر خيال کي، هر ڪيفيت کي هر تڙپ کي لاوو بڻائي پوءِ قلم جي نوڪ تي آڻي، ان ئي صنف ۾ نروار ٿي ڪري، جنهن ۾ هن جون ڪيفيتون هن کي حڪم ٿيون ڪن.

مون کي عائشہ جي وڏي بهادري تہ اها لڳندي آهي جو هوءَ پنهنجي شاعريءَ تي تنقيد صبر سان ٻڌندي آهي ۽ برداشت بہ ڪندي آهي، ۽ جائز تنقيد کي مانُ بہ ڏيندي آهي؛ اهو سندس اعليٰ ظرف آهي ۽ اها ئي سندس علم جي نشاني بہ آهي.

عائشہ جي 23 سالن جو تخليقي پورهيو اڄ ڪتاب **دليون درسگاهون** جي نالي سان اوهان جي هٿن ۾ آهي. عائشہ جو تخليقي پورهيو سنڌي ادب ۽ ادب دوستن ۽ ڌرتي ماءُ جي امانت هو، جيڪا امانت اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي. اوهان ليکاري ۽ قاري ئي عائشہ جي تخليق جي گواهي ڏيندا تہ هوءَ ان پورهئي ۾ ڪيترو ڪامياب ٿي آهي؛ ۽ سندس شاعريءَ ۾ ڪيتري سگهہ آهي. اميد تہ عائشہ ميمڻ جيڪڏهن ائين لکندي رهي ۽ هن کي اتساهہ ملندو رهيو تہ هوءَ سنڌ جي نامياري شاعرائن ۾ ضرور ليکجڻ جو حق رکي ٿي.

درد هوش محمد
خيرپور ميرن واري
Cell: 0300-3148071

شاعري ڪوڙ نہ ڳالهائيندي آهي!

مون ڪٿي لکيو هو: ”شاعري ڪوڙ نہ ڳالهائيندي آهي.“ ها! شاعري ڪوڙ نہ ڳالهائيندي آهي. ملاقات جا ڪوڙ ذريعا هجن ٿا، جن مان هڪ شاعري بہ آهي. ڪنهن شاعر جو تعارف، سندس شاعريءَ کان وڌ پيو ڪير ٿو ڪرائي سگهي!؟ شاعري جڏهن ترڍ پرسن يا ٽينءَ ڌر جي حيثيت ۾ ٻيءَ ڌر بابت ڳالهائڻ شروع ڪندي آهي، تڏهن منجهس ماڻهوءَ واري مفاهمت پسندي (Reconciliation) بلڪل بہ نہ هوندي آهي؛ اها بلڪل سڌي (Straight for and) هوندي آهي. پنهنجي متعارف جي سمورين خوبين توڙي خامين سميت! ۽ ڪنهن جو مڪمل تعارف، مفاهمت کان ماوريٰ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. ادي عائشہ ميمڻ سڀ م ُڪاميل بہ ڪجهہ اهڙي طرح ئي ٿيو. شروع ۾ محترمہ ’درد‘ هوش محمد صاحب (هڪ سٺو شاعر ۽ موبائيل دوست) سندس شاعري موبائيل ميسيجز ذريعي موڪليندو رهيو؛ بعد ۾ ادي پاڻ بہ سينڊ ڪرڻ شروع ڪيا. اهو سلسلو ڳچ وقت هليو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن ’درد‘ ٻڌايو تہ ’اديءَ جو شعري مجموعو ڪمپوز ٿي چڪو آهي، ۽ ان تي بہ اکر لکڻ لاءِ مون ڏانهن پوسٽ ڪيو پيو وڃي!‘ ان مهل واقع بہ مون کي حيرت ٿي هئي، پر پوءِ ڄاتم تہ شاعريءَ جي جوڙيل رشتن وچ ۾ ڪوبہ تڪلف ۽ اوپرائپ جو عنصر نہ هوندو آهي- بس، ٻنهي ڌرين جو شاعر هجڻ ئي ڪافي هوندو آهي- اها بي تڪلفي، ٻن ڌرين وچ ۾ پنهنجائپ جي سگ تي حجت ۽ دليل هئي- بيشڪ! ۽ آئون اُن رشتي/سينڊ کي سوئيڪار ڪندي، پاڻ کي خوش بخت ٿو ڄاڻان.

اديءَ عائشہ ميمڻ جو اميج تہ ڪافي عرصو اڳ، سندس شاعريءَ جي حوالي سان ذهن ۾ جُڙيل هيو، تنهن ڪري جڏهن سندس شعري مسودي جي فوٽو اسٽيٽ ۽ پرنٽ آئوٽ مون وٽ پهتي تہ سندس پروفننگ شروع ڪيم؛ ۽ پروفن دوران محترم درد هوش محمد جي سهڪار کي هتي ظاهر نہ ڪرڻ ساڻس زيادتي ٿيندي — هُن دوست جون هن مجموعي کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڏس ۾ وڏيون ڪاوشون آهن. مون کي ياد آهي، تہ ’درد‘ اڪثر پنهنجي مڌر دردبلي آواز ۾، ادي عائشہ جا غزل اڪثر موبوئيل تي جهونگاريندي ٻڌائيندو هو. مالڪ ڇا تہ سندس آواز ۾ سوز و گداز سمايو آهي!

ادي عائشہ ميمڻ جي زيرِ نظر پهرئين شعري مجموعي ’دليون درسگاهون‘ تي نظر ڊوڙائيندي سندس ذوقِ تخليق کي ساراهائڻو پئي ٿو. ۽ اميد ڪجي ٿي تہ سندس اهو ذوق برقرار رهندو ۽ دلين جون درسگاهون سدا آباد رهنديون.

آسي زميني

پنهنجي پاران

ڳالهيون، ڳوڙها، شاعري

مون کي زندگيءَ کان ڪڏهن بہ شڪايت ناهي رهي، ڇو جو زندگي ئي تہ آهي، جيڪا هر شئي جو احساس ڏيئي ٿي. زندگي هر انسان کي الله پاڪ جي سوڪڙي ڏنل آهي. زندگي تہ محبوب آهي ۽ محبوب کان بيزاري ڪرڻ ڪفر چئبو. اهو بہ سچ آهي تہ زندگي ڏکن سکن جي سيج آهي؛

ڏک سکن جي سونهن گهوريا سک ڏکن تان!

زندگيءَ جون ڪيفيتون درد هوش محمد جي هن شعر ۾ ڏسندي آهيان۽ اهي ستون هميشہ منهنجي زبان تي ٻُرنديون آهن.

هر دور ۾ رهي آ ٻڌ ٻوڙ زندگيءَ ۾،
ايندا رهيا هزارين من موڙ زندگيءَ ۾.
هت پيٽ ٿو ڳيو گهري هُت پياس پيار جي،
آسون پليون پيارا هِن ڪوڙ زندگيءَ ۾.

سچ تہ زندگيءَ ۾ هزارين موڙ ايندا رهن ٿا ۽ زندگيءَ کي وقت جي بارگاهہ ۾ وڏا وڏا امتحان ڏيڻا پون ٿا، هر ساهہ سختا ڏسي ٿو، هر روح پيڙا پوڳي ٿو، پر پوءِ بہ زندگي پياري رهي ٿي. زندگيءَ تي هر اديب شاعر گهڻو ڪجهہ لکيو آهي پوءِ بہ اهو محسوس ٿيندو آهي جڻ ڪنهن زندگيءَ تي ڪجهہ بہ ناهي لکيو! اهو زندگيءَ جو ڪمال آهي تہ سُور ۾ بہ سرور ڏيندي آهي، اهو سرور جنهن جو سبب ماڻهو سمجهي ناهي سگهندو. زندگيءَ جي اهڙين ڪيفيتن ۾ مون کان پڻ شاعري لکجي ويئي، جن منجهان ڪجهہ شعر آئون هتي شيئر ڪريان ٿي.

نہ ڪا ساڻ سرتي سهيلي رهي
ازل کان حياتي اڪيلي رهي

يا وري:

رسڻ پرچڻ حياتيءَ جو حصو آ
روئڻ مرڪڻ حياتيءَ جو حصو آ

پڪو درد سان وئي جَڙي زندگي
سدا سُور ساڙيس سڙي زندگي

سنتوش کان ازيت تائين زندگي آهي، سڪون ۽ بي سڪوني بہ زندگيءَ جو حصو آهي، ڇو جو جستجو ئي زندگي آهي ۽ زندگي ڪڏهن بہ آشا کان خالي ناهي رهندي. منهنجي مٺي شاعري بہ منهنجي زندگيءَ جي پيڙا ۽ پيار آهي، اگر ڪو پڇي تہ ڇا لکندي آهيان، ڇو لکندي آهيان، ڇا لاءِ لکندي آهيان تہ انهن جي سوالن جا جواب شايد مون وٽ بہ نہ هجن. ڪڏهن ڪڏهن ائين محسوس ٿيندو آهي تہ ڪائي ذات تہ آهي جيڪا شاعريءَ جي روپ ۾ منهنجي مٿان مهربان رهي آهي. شاعري منهنجي لاءِ ڏکن ۾ ڏيءِ رهي آهي شاعري منهنجي ڪاڻ همدرد ۽ همسفر رهي آهي، انهن گهڙين ۾ جڏهن خدا کان سواءِ منهنجو ڪوئي ساٿي ناهي هوندو.

بهرحال زندگي گهڻو ڪجهہ سيکاري پئي، زندگي هڪڙي ۽ هڪڙو پيرو ملندي آهي ۽ زندگيءَ کي خوبصورت طريقي سان گذارڻ ۾ زندگيءَ جو حقيقي مقصد ماڻي سگهجي ٿو. پنهنجي ڪاڻ جيئڻ جيترو سوکو آهي ايترو ئي مشڪل آهي ٻين جي لاءِ جيئڻ ۽ ڪنهن جي تڪليف کي پنهنجي تڪليف سمجهڻ، ٻئي کي روئندو ڏسي پاڻ روئڻ، ٻين جي خوشيءَ کي پنهنجي خوشي سمجهڻ زندگي آهي. منهنجي ذاتي زندگيءَ جو مشاهدو رهيو آهي چڱائيءَ جو بدلو چڱائي ڏاڍو مشڪل ڪم آهي، سو چڱائي ڪري چڱائي وسارڻ ۾ ئي چڱائي آهي ۽ ايندڙ وقت ۾ چڱائي ڪندڙن کان مندائيءَ جي آشا رکان ٿي. ڀٽائي صاحب جي ڪيڏي نہ سهڻي نصيحت آهي "جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سي ئي ڪن". مگر مون زندگيءَ جي ٻيوسي هر پل پنهنجي ئي گهر ۾ ننڍڙي ڀائٽي دعا بتول جي معذوري ۾ ڏٺي آهي، 'دعا' جيڪا ستن سالن جي آهي ۽ ويجن بہ وس ڪندي آخر 'دعا' لاءِ 'دعا ڪرڻ' جو رستو ئي ٻڌايو. جڻ طبيبن جون دوا ۽ دارون 'دعا' جي سُور آڏو سڀ ڦڪيون ٻيوس

بڻيون بيٺيون رهيون. مون کي اهو احساس بي سڪون ڪندو آهي تہ ڪڏهن خدا پاڪ صحت عطا ڪندو منهنجي دعا کي! ڇوتہ عورت ڪيڏي بہ بلنديءَ تي هوندي آهي پوءِ بہ ويچاري عورت سڏبي آهي ۽ هن سماج ۾ ڏيءَ جو نالو ڏک رکجي تہ غلط نہ هوندو ۽ منهنجي شاعريءَ ۾ سواءِ ڏکن جي ٻي ڳالهہ ناهي رهي ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ جيڪو زندگيءَ مون کي ڏنو، ها اُهو ئي لکيو آهي.

منهنجي شاعريءَ ۾ ڪافي قدر 'درد' هوش محمد جو سهڪار رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن 'درد' فون تي لوڪ گيت ٻڌائيندو آهي تہ منهنجي نيٽن تي ننڊ جا خمار طاري ٿي ويندا آهن ۽ محسوس ٿيندو آهي تہ 'درد' بہ هن ڏيهہ جي ڏکن کان آجو نہ آهي.

آئون پنهنجي شاعريءَ تي ڪائي راءِ نہ ٿي ڏئي سگهان ڇو جو ڪوئي بہ انسان پنهنجي ڪوٽ ڏسي ناهي سگهندو، هر انسان پنهنجي پر ۾ پاڻ کي مڪمل سمجهي ٿو، جڏهن تہ مڪمل ڪوئي بہ ناهي، پاڻ وڏائي ۽ خود ثنائي فنا آهي. آئون تہ پاڻ کي مڪمل ڪڏهن ناهي سمجهيو ڇوتہ زندگي وقت کان سکندي رهي ٿي، زندگي وقت آڏو ڪجهہ بہ ناهي.

منهنجو هي شاعريءَ جو ڪتاب "دليون درسگاهون" پڙهندڙن لاءِ امانت هوندو تہ هو منهنجي شعرن تي نقاد جهڙي نظر رکي سهڻي راءِ ڏين تہ جيئن آئون پنهنجي لکڻيءَ جي اصلاح ڪري سگهان.

آئون ٿورائتي آهيان درد هوش محمد (ڪولاب جيئل)، زبير سومرو (خيرپور)، ياءُ پنهل (لاڙڪاڻو) ۽ ڪنول پبليڪيشن قنبر جي سرواڻ ياءُ سعيد سومرو سميت، ياءُ رضوان گل جي، جنهن منهنجي ڪتاب جي ٽائيٽل کي بهتر رنگ ڏنا. ۽ سائين اياز گل، سائين ادل سومري ۽ ياءُ آسي زميني جي بہ مهرباني، جن منهنجي شاعري تي ڪجهہ سٽون لکيون، جيڪي منهنجي لاءِ حوصلو ثابت ٿيون ۽ پنهنجي استاد 'درد' هوش محمد جي

فڪري گرو محترم ج.ع. منگهاڻي جن جي، جن جي تخليق 'درد' مون تائين پڄائي مون کي لکڻ لاءِ اتساهہ ڀريو. ان کان علاوه فنڪار استاد عبدالغفور سومرو، صادق فقير، خاص طور سجڻ سنڌي، سليم رضا ڪنير جا بہ ٿورا، جيڪي منهنجي شاعري کي سريلي آواز ۾ ڳائيندا رهن ٿا. جن ڀائرن مون کي ڪتاب شايع ڪرائڻ لاءِ اتساهيو، تن ۾ ڀيٽ نايابَ سرڪش سنڌي، ياءُ عزيز قاسماڻي، عزيز منگي، عزيز لغاري، ممتاز جويو، ستار هُليو، علي صفدر، رجب ڀگهيو، فرهاد جروار، آصف ابڙو، صاحب خان بلوچ، سعيد سائل، ارشد عباسي سميت سيني جي مهرباني. پنهنجي اسڪول ۾ پڙهائيندڙ بہ سهيليون جيڪي ڏک سک ۾ سلهاڙيل رهن ٿيون، ڀيٽ فردوس ميمڻ ۽ ڀيٽ فرزانہ ميمڻ سان گڏ، برڪت بلوچ استاد منظور ابڙو، استاد حميد ابڙو، ڪامل شاهہ، علي احمد ابڙو، سخي سرور ابڙو، اصغر تبسم، انور سانول، الطاف راجہ، رشيد عباسي، ايف ايم ريڊيو (خيرپور) زاهد راجپر جن جي، جن مون سان شاعريءَ جي هن سفر ۾ ساٿ ڏنو ۽ سنڌي ادب ۾ 'عائشہ ميمڻ' جي نالي کي متعارف ڪرايو.

شال سنڌ سلامت رهي!

عائشہ ميمڻ

ميمڻ محلا - نوشهروفيروز

11-06-2013

* سنڌي ادب ۾ شاعرن جي ڪوٽ ڪٿي نہ بہ هجي، پر شاعرائُن جي ڪوٽ برابر آهي ۽ انهن ۾ بہ پنهنجي ڏار سڃاڻپ سان، پنهنجو پاڻ کي مڃرائيندڙ شاعرائون تہ بنهہ آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون آهن، اهڙي ماحول ۽ اهڙي صورتحال ۾ 'عائشہ ميمڻ' جو لکڻ ۽ سُنو لکڻ ، گهڻو سُنو لڳو اٿم.

عائشہ ميمڻ جي شاعريءَ ۾، زندگي پاڻ پَ سائي ٿي، پنهنجن سمورين خوبصورتين ۽ بدصورتين سان هُوءَ سندس شاعريءَ ۾ جيئري جاڳندي موجود آهي- سچي ڳالهہ اها آهي تہ رڳو لکڻ ڪافي نہ آهي، اُن ۾ اندر جي احساسن ۽ ٻاهرين پيڙائن کي گڏي شاعريءَ ۾ پيش ڪرڻ جو ڍَنگُ اچڻ بہ لازمي آهي ۽ **عائشہ ميمڻ** ڏات ۽ ڏانءَ کي سهڻي نموني پنهنجي شاعريءَ ۾ سانڍڻ جو ڪم خوب ڪيو آهي – هُن پنهنجي ذاتي تجربن، مشاهدن ۽ وارتائُن کي، جيئن جو تيئن شعرن جو ويُس ڏَڪايو آهي، جيڪو وڻندڙ بہ لڳي ٿو ۽ دل ڇُهندڙ بہ.

پڪَ اٿم تہ ان ئي محنت، همتَ ۽ تخليقي سگهہ سان، **عائشہ ميمڻ** هڪ ڏينهن ڏار سُڃاڻپ رکندڙ شاعرائن ۾ ضرور شامل ٿيندي ۽ پاڻُ مڃرائيندي.

اياز گل

20 جون 2013ع

تخليق جي دنيا، ٻيئل تلاءِ نہ پر وهندڙ درياءِ آهي، زندگيءَ وانگر مسلسل ۽ اڳتي وڌندڙُ. شاعري بہ جيڪڏهن تازگيءَ جو احساس ڏيارينڌڙ ناهي ۽ وقت ۽ حالتن مطابق اڳتي نٿي وڌي تہ پنهنجو اثر وڃائي ٿي ڇڏي.

سنڌيءَ ۾ شاعري تخليق ٿيئي پئي ۽ اڳتي بہ ٿيندي رهندي، هڪڙا مسافر ويندا تہ ٻيا پيا ايندا. اُتساهہ جا دروازا بند نہ ٿيڻ گهرجن، دلين جو درسگاهون آباد هجن. آس وندن جون خواهشون دربدر نہ ٿين. عائشہ ميمڻ جي شاعري ڪهڙي معيار جي آهي، وقت جو نقاد ان جي ڇنڊڇاڻ ڪندو. جي منجهس آرٽ ۽ فڪري ندرت هوندي تہ اها رهندي نہ تہ ماضيءَ جو حوالو بنجي ويندي. نون آوازن کي ٻڌڻ کپي ۽ انهن جي آجيان ٿيڻ کپي. اسان ۽ اوهان جي بي رخي يا لاتعلقي ڪنهن تخليقار جي تخليقي صلاحيتن کي ميرانجهڙو ڪري سگهي ٿي. عائشہ ميمڻ جي شاعري احساسن ۽ جذبن جو هڪ نئون آواز آهي، جيڏانهن ڌيان ڌرڻ گهرجي. دل جي عبادت گاهہ جون دعائون ٻڌڻ گهرجن، ڇو تہ تخليق بہ درد آهي، دعا آهي.

ادل سومرو

غزل

غم خوشيءَ جو انهي شعور ڏنو،
نينهن نابين کي ڄڻ نور ڏنو.

چنڊ راتين جو همسفر منهنجو،
چنڊ آ ساٿ ڏاڍو ڏور ڏنو.

غيب من ۾ هي، يار بهتر هو،
درد کي عشق ڇو ظهور ڏنو.

وقت توکان جو 'عائشہ' کي مليو،
ڇو چوان سڀ تو، بي قصور ڏنو.

* *

آهي وڻ وڻ بهار ۾ سائو،
دل جو گلشن آ پيار ۾ سائو.

وقت جي ڪا تتي نتي ساڙي،
جو بہ آ تو نهار ۾ سائو.

دل ۾ ڪنهن آس جو قتل پوتو،
آ سدا انتظار ۾ سائو.

دل جو گلشن هي
هميشہ "عائشہ"
سار تنهنجي سنڀار ۾ سائو.

* *

آ ذڪر ۽ فڪر رڳو تنهنجو،
جيءَ منهنجو پرين جُهڳو تنهنجو!

روح سان روح جو آ، روح جڙيل،
ڇو چوان سات آ، ڇڳو تنهنجو!

هاڻ ڪاٿي قرار دل ڪي آ،
ياد پيغام جڻ پڳو تنهنجو!

"عائشہ"! نانءُ ڇو وٺي هن جو،
جو وهاڻو سُتي، پڳو تنهنجو!

* *

خطا ٿو سمجهين، خطا ڪرڻ ڏي!
وفا ڏرم ٿم، وفا ڪرڻ ڏي!

سڪون پنهنجو، ڏيان ڏڪيءَ ڪي،
اها تہ مون ڪي، سخا ڪرڻ ڏي!

نہ هام آهي، حوال ناهي،
هي ساهہ توتان، فدا ڪرڻ ڏي!

نہ "عائشہ"، ڪو، لڇي گذاري،
ستم دنيا مان، صفا ڪرڻ ڏي!

* *

جيون! زماني ڪاڻ، زمانو ڇڏي هلون،
پڙهندا هزار پنهنجو، فسانو ڇڏي هلون.

جنهن جاءِ پاڻ آهيون، تنهن جاءِ ايندو ڪو،
خالي هي پاڻ پنهنجو، خانو ڇڏي هلون.

صديون اسان کي ياد، زمانو ڪندو پرين،
تڙپي لڇي لکيو سو، ترانو ڇڏي هلون.

مڃ جند ”عائشہ“ جي، هي بات تون مني،
جيئڻ رهيو آ جيڪو، بهانو ڇڏي هلون.

* *

غلط ڇاهي، سهي ڇاهي، سو سمجهون ٿا،
اسان جي پَت رهي ڇاهي، سو سمجهون ٿا.

پيا ٿا پنڌ ۾ ڪاهيون، اسان راڻا،
سفر ڇاهي، پهي ڇاهي، سو سمجهون ٿا.

لڳي جو عشق، جي هٿ وس، حياتي آ،
ڊهي ڇاهي، نهي ڇاهي، سو سمجهون ٿا.

اچي پل، موت جي آهي عمر ”عائشہ“،
پلا پنهنجي وهي ڇاهي، سو سمجهون ٿا.

* *

آهي حياتي، چار گهڙيون،
مٿڙا ويهي گهار گهڙيون.

جيڪي جاني، گڏ گڏ گهاريون،
سي ئي سهڻا، سار گهڙيون.

نينهن نماڻيون، گذريون توسان،
ياد پيون، هر بار گهڙيون.

'عائشہ' ماضيءَ ۾، جي گذريون،
روئي روز، پچار گهڙيون.

* *

مشڪلاتن ۾ پي، اچي ڏسجي،
عشق آڙاهہ ۾ پچي ڏسجي!

نينهن نروار جو ڪيو ناحق،
چير پيرين پڌي نچي ڏسجي!

موهہ ئي موهہ بس، رهي دل سان،
چو نہ ان رنگ ۾ رچي ڏسجي!

'عائشہ' خيال ۾، هي گڏ آهي،
دل چوي ٿي سڄڻ سچي ڏسجي!

* *

ساهيان نہ پير ڪاٿي شل وقت سان ڊڪان مان،
منهنجي وسين پيو من ۾ جاتي سڄڻ هجان مان.

آزاد ٿي گذاري، انسان هرڪو هنڌي،
باندي ڪري ڇو ڪنهن کان، ڇا لاءِ حق ڇنان مان.

تو وٽ حشر قهر آ، ڄڻ زندگي زهر آ،
آ سوڳ تنهنجي من ۾، ڪهڙو ڦڪو ڪلان مان!

'استاد' وانگي 'عائشہ'، توکي حيات هڪ آ،
'ڇا قوم تي لکان مان، ڇا حسن تي لکان مان!'

* *

استاد بخاري جي ست تي لکيل طرحي غزل.

پرين پيار ۾ ڪنهن کي ڏکائبو ناهي،
مٺا هي قرب ڪري پوءِ ستائبو ناهي.

گواهہ آهي محبت جدا نہ ٿيندين تون،
ڪري هي قول پرين پوءِ پلائبو ناهي.

هزار سور سهي پر وري بہ مرڪون ٿا،
سڄڻ جو درد دنيا کي ٻڌائبو ناهي.

لڪائي رنج رُساما پيار ۾ پنهنجا،
مٿان هي لوڪ ڪلي پيو ڪلائبو ناهي.

زبان پاڻ ڪئي تو تہ "**عائشہ**" جو هان،
وري تہ محب ٻئي جو سڏائبو ناهي.

* *

نڪورو نينهن، منهنجو ٿئي،
اکين جو مينهن منهنجو ٿئي.

سياهہ راتين ۾، گهاريان ٿي،
۽ ايندو ڏينهن، منهنجو ٿئي.

سُڪن ۾ تون سدا ويهين،
هي پيار سرينهن منهنجو ٿئي.

اٿئي پارت، پرين ان جي،
نماڻو نينهن، منهنجو ٿئي.

هي تو سان شوق آ "عائشہ"،
چوي دل شينهن، منهنجو ٿئي.

* *

* نوجوان شاعر 'پنهل' جي ڏنل طرح تي لکيل

پنهي نينهن سان، ساٿ ڏاڍو ڏنو آ،
ڪڏهن اک رُني آ، ڪڏهن من رنو آ.

جڏهن ڪنهن بہ چيڙيو ذڪر دوستن جو،
اسان جو تڏهن من، الڪ ڇو ڍنو آ!

اکين کي ڏئي، ننڊ جي يار لولي،
الڪ روح رولاڪ، ڪاٿي پُنو آ!

جڏهن جاڳ آ، هوش پنهنجو سنڀاليو،
بدن پنهنجو لڙڪن ۾، سارو پنو آ.

تڏهن "عائشہ" سان، رهي هيڪلائي،
اوهان کان جڏهن، ساٿ جاني ڇنو آ.

* *

ڏيءَ حوا جي هان، مان پري ناهيان،
تون سهي ٿو چوين، ٻري ناهيان.

جنهن ڪيو پيدا سوئي مالڪ آ،
ڏيهہ جي ڏاڍ ڪان ڏري ناهيان.

عشق جي سمنڊ ۾ ٻڏي وڃبو،
ٿي لڄان پر اجا تري ناهيان.

مون ڦرائي، جنهن جاءِ تان دلڙي،
آنءُ ان جاءِ ڏي وري ناهيان.

"عائشہ"، هو وساري ويٺو آ،
آءٌ ساريان ٿي، ڇا چري ناهيان!؟

* *

دل ۾ پهريان، خير رکجانءِ!
سنڌ ۾ پوءِ، پير رکجانءِ!

آ پلو هڪڙو پنهل ئي،
ٻيو نہ رشتو، 'ڏير' رکجانءِ!

رب ٻيو تو ۾ وسي دل-
ڪين دل تون مير رکجانءِ!

ٻاٽ ۾ جي، آ حياتي،
ڪين من انڌير رکجانءِ!

هر قدم باطل سان "عائشہ"!
تون پئي پل وير رکجانءِ!

* *

حياتيءَ ۾ وڏو هي، ڪم رهيو آ،
خوشي ناهي تہ ڇاهي، غم رهيو آ!

مڃان ٿي اعليٰ آهي، پو بہ ڇالئہ،
ڪريل آدم اڳيان، آدم رهيو آ!؟

ندوريون نفرتون، هن دل ۾ ناهن،
پيارل! پيار ئي، هر دم رهيو آ!

خوشين جي ڪر نہ، ڪائي بات مون سان،
سدائين ساهہ ۾، ماتم رهيو آ!

ڇڏيان ڪيئن ”عائشہ“ ڇئہ درد کي مان،
اهو ئي همسفر، همدم رهيو آ!

* *

ڇڏ ڇڏ روئڻ، ڪل او جاني!
ساڙ سڙي پيو، پل او جاني!

جيءُ چوي جو، تنهن وٽ اچجي،
پئبو ناهي ڳَل او جاني!

چاهہ نہ ٿڪبو، ساهہ نہ پربو،
پل پل مرڪي، مِل او جاني!

سوچون تنهنجون، جاتي ڪاٿي،
ايئن نہ مون سان رَل او جاني!

”عائشہ“ اکڙيون، دل ڇا آهي،
تو لئہ تن من، ڪُل او جاني!

* *

بي ايمان هٿ لڳي جو ايمان آ ويو،
ٿي صاحب ايمان ڄڻ بي ايمان آ ويو.

ڪڻ ڪڻ شهيد لاش تي، آڪاش ٿي رنو،
ڪو بي گناهہ ماريو، انسان آ ويو.

سڀ شرپسند ويا ٿي، چاهي نہ خير ڪو،
شايد امن ٿيڻ جو، امڪان آ ويو.

پڌ ميزبان گهر ۾، آيا ها چور ڪي،
چورن هٿان مري ڪو، مهمان آ ويو.

هاڻي تہ ساهہ ”عائشہ“ پوساتجي پيو،
احساس کي جو ڪائي، حيوان آ ويو.

* *

اسان لئہ خدائي، اسان جو پٽائي،
سدائين چڱائي، اسان جو پٽائي!

♦بخاري، پنهل وٽ، لطيفي فڪر ۽-
چوي ٿو سنائي، اسان جو پٽائي!

ملي درد دارون، هتان عاشقن کي،
اِها وات وائي، اسان جو پٽائي!

نہ ئي سنڌ واسين، رکيو ساڙ ڪنهن لئہ،
ڏسي ٿو پلائي، اسان جو پٽائي!

دعا ”عائشہ“ ديس تي، شاهہ جي آ،
سدا سنڌ سائي، اسان جو پٽائي!

* *

♦استاد بخاري، پنهل ـ ۽ دور جا شاعر
سنائي فڪر سنڌ جي ايم سيد

چوڪري! ڇا ڏٺو ٿئي گوري ۾؟
ٿي رهين گمّ غرق ڇوري ۾!

نينهن ناتو، نفيس آ ٿيندو،
نيڻ هن وسندا، ٿوري ٿوري ۾.

بات منهنجي زهر، لڳي هوندئي،
آهي تڪليف سچ ۽ سوري ۾.

او ڪراچي! قهُر نہ ٿو سُهجئي،
ٿا ملن لاش روز پوري ۾!

"عائشہ" جا قدم، جتي بہ وسن،
♥ٿو رهي هن جو، ساهہ 'موري' ۾.

* *

♥مورو: منهنجو شهر

حيات آهي مٺي، مرڻ ڪير چاهي ٿو،
ترڻ جي آس اٿم ٻڏڻ ڪير چاهي ٿو.

وصالِ يار گُهري، دل سدا دکي پنهنجي،
سڄڻ جي لاءِ سِڪي سِڪڻ ڪير چاهي ٿو.

ادب ۽ عشق، اسان کي ڏني هي نيازي آ،
بنا سبب جي پيلا، جهڪڻ ڪير چاهي ٿو.

اسان تہ چاهہ ۽ پرچاءُ آ گهريو هر دم،
پري رهو نہ پرين، رسڻ ڪير چاهي ٿو.

اسان تہ "عائشہ" هر ويل پوءِ جا پاتي،
افق جا خواب ڪٽي، هلڻ ڪير چاهي ٿو.

* *

حياتيءَ ۾ هرڪو ذميوار گهرجي،
نہ ڪنهن کي بہ ڪنهنجو پيو بار گهرجي.

اکين جون زبانون، دلين ڪين سمجهون،
زباني ٿيڻ هاڻ اظهار گهرجي.

هجي همسفر ڪو، هجي حال ڀائي،
چوي دل ڏڪاري، ٿي دلدار گهرجي.

اسان کي نہ جي پوءِ، ٻئي کي ويهاريو،
مگر دوست دل ۾، هجڻ پيار گهرجي.

اچڻ "عائشہ" پوءِ محفل ۾ ٿيندو،
اول ميزبانن جو اصرار گهرجي.

* *

هي جهنگ جهر، عشق آ پنهنجو،
قلندر عشق آ پنهنجو.

حياتيون غرق ٿي ويندين،
سمندر عشق آ پنهنجو.

صدائون سنڌ جيجل جون،
هي گهر گهر عشق آ پنهنجو.

اسان من کي بڻايو آ،
تہ مندر عشق آ پنهنجو.

مجيو "عائشہ" زماني ڀي،
سڪندر عشق آ پنهنجو.

* *

سانوڻ آيو، ساجن روئي،
دير اچڻ ۾ ڪئي آ، توئي.

نرڇا ماڻهو سُور، نہ سمجهن،
ڏک سک سمجهي عشق وندو ئي.

دل جو ڏڙڪو، سڏ سڏ توکي،
توبن سُڻندو، دوست نہ ڪوئي.

لفظن ڏاڻا، شعرن - مالها،
راڻا تولئہ آ مون پوئي.

" عائشہ" جيون ڪان، جو سکيو،
بيتنن ۾ مون لکيو سو ئي.

* *

ڏنا پروسن جي دلاسا هئا،
حقيقت ڪان مليا تہ ڏوڪا هئا.

جنين اعتبارن، ۾ گهاريو پئي،
تنين وٽ سدا ساهہ، سڏڪا هئا.

جنين عشق آگڙ، وتيون ٿي هلي،
تنين وٽ حشر، روز پِٽڪا هئا.

چڱن کي چڱائيءَ جي بدلي ڏنا،
زماني تہ ڏوڪا ۽ دڙڪا هئا.

ڪٿي "عائشہ" خيال پنهنجور کي،
زماني جا تو وٽ، جو اُلڪا هئا.

* *

جو نہ مليو، سو نصيبن ۾ نہ هو،
خير مون لاءِ رقيبن ۾ نہ هو.

برهہ بيمار کي، ملي نہ شفا،
علم هي عام، طبيبن ۾ نہ هو.

پاڻ مون وٽ اچي، هي پهتو آ،
درد دل جي، تہ قريبن ۾ نہ هو.

ديس جي بات ۾، رڌل ئي رهيا،
پر عمل ڪو بہ، خطيبن ۾ نہ هو.

"عائشہ" مون جڏهن، ڏنو جاچي،
فند ۽ ڦير، غريبن ۾ نہ هو.

* *

سال پانئيان، پهر جدائيءَ جو،
مون بہ پيتو زهر جدائيءَ جو.

رات ڪاري، وصال جي سهڻي،
ڪين گهرجي، سحر جدائيءَ جو.

روز سڏڪن ۾، ساهہ ٿو گهٽجي،
آهہ قاتل قهر، جدائيءَ جو.

شاعريءَ ۾ نہ پر، حياتيءَ ۾،
يار مشڪل بحر، جدائيءَ جو.

"عائشہ" شال ٿي تباهہ وڃي،
شاد من ۾ شهر، جدائيءَ جو.

* *

خون آدم جو الا! ميسارجي،
لڙڪ هاري، پوءِ ڪي وهنجارجي.

ڪو حشر ان کان وڌو، هوندو به ڇا،
بي گناهہ انسان کي ٿو مارجي.

ظلم جي جنگ زندگيءَ سان پئي هلي،
ڏاڍ جو هر روز ڏونگر ڏارجي.

ڪو وري آواز ڏي منصور کي،
ٿي نئين سولي پئي سينگارجي.

”عائشہ“ ڇڏ، بيحسي ناهي پلي،
ٿورڙو احساس من ۾ ڌارجي.

* *

عَمَر کوڙ اڄ پيي، نہ پر مارئي،
اباڻن جا آتا، هي گهر مارئي!

ڪري ياد توکي، الائي تہ ڇو،
اکين جا پريا هن ڪڪر مارئي!

لڳن سون لوئيءَ، جا توکي سڳا،
اُتم آهي تنهنجي، نظر مارئي!

هلي آءُ سانگي، سِڪن ٿا پيا،
وسي جاڳيا، ٿر ۽ بر مارئي!

ملين شال مارن سان، تون عائشہ،
سڪن ٿا وسڻ لئہ، ڇمر مارئي!

* *

ڪين ڪنهن لاءِ ڇو خير دل ۾ رکين؟
پاڻ ساڙين پيو، مير دل ۾ رکين!

ساڙ جي جاءِ تي، ڪين آهي خدا،
ڇئہ خدا کان سواءِ، ڪير دل ۾ رکين؟!

چاهہ چاندوڪيون، تو تہ ناهن ڏنيون،
ٻاٽ ۾ مر ڀلي، وير دل ۾ رکين!

محبتون ڪين، ڪنهن کي بہ توکان مليون،
نفرتن جو مگر، ڊير دل ۾ رکين!

بي قدر کي قدر، ڇا سڄڻ جو ٿئي،
'عائشہ' کي ڇڏي، غير دل ۾ رکين!

* *

ڪري ڏوهہ ٿو ۽ عبادت ٿو سمجهي،
ڪري بيحيائي شرافت ٿو سمجهي.

ڪري ڏاڍ هيٺن، مٿان هو پڏي ٿو،
وڏي پاڻ ۾ جڙ هي طاقت ٿو سمجهي.

عزت زندگيءَ وانگي، وڃڙي نہ موٽي،
وڃائي عزت ڇو سلامت ٿو سمجهي.

اهو پيار ڄاڻي، ڏئي ٿو سگهي جو،
حياتيءَ کي جيڪو، مسافت ٿو سمجهي.

اهو "عائشہ" سُور ڄاڻي دنيا جو،
ظلم ڏيهہ ۾ جو، قيامت ٿو سمجهي.

* *

پيار ۾ انڪار ڪان، آهيون پري،
قرب ۾ تڪرار ڪان، آهيون پري.

پاڻ چاهيون ڪو نہ آ ڪنهن ڪان ڪتڻ،
ها تڏهن هر هار ڪان، آهيون پري.

محبتن سان، هي جڙي ئي ڪو نہ ٿو،
ساڙ و َندِ سنسار ڪان، آهيون پري.

قرب آ هٿيار، پنهنجو پاڻ سان،
تير يا تلوار ڪان، آهيون پري.

”عائشہ“ هي جنهن چيو، سو آ غلط،
پاڻ ڪاٿي، پيار ڪان، آهيون پري.

* *

پراون تي ناهن ميارون رکيون،
مٿان ساهہ پنهنجن ترارون رکيون.

اوهان ئي زماني ۾ سرها رهو،
اسان پاڻ لئہ پاڻ هارون رکيون.

اوهان ڪان مليا سور سُک ٿي لڳا،
اوهان لاءِ مرڪون هي مارُو! رکيون.

اوهان جي وساريو اسان کي تہ ڇا،
اوهان لئہ سدا ساهہ سارون رکيون.

اوهان بن خزائون رهيون ”عائشہ“،
ڪٿي پاڻ سان ڪي بهارون رکيون.

* *

پيار پوڄا ڪبي، پيار الله آ،
دل جو الله تي، يار ويساهه آ.

پيار ڪان دل هي غافل، نہ ٿيندي ڪڏهن،
هر قدم پيار مون سان جو همراهه آ.

پيار ڪان مان پري، ڪو نہ ويندس ڪڏهن،
جيستائين سِريءَ ۾، سڄڻ ساهه آ.

جو بہ انڪار ٿو، پيار ڪان جي ڪري،
جا بجا سو رهيو ڄڻ تہ گمراهه آ.

'عائشہ' ڪان نہ پڇ، من ۾ ڇا ٿي رکان،
پروسو ڪر پرين، چاهه ئي چاهه آ.

* *

پاڳ منهنجو مون سان راضي ٿي اچي،
شل خوشي مون وٽ بہ تازي ٿي اچي.

حال ڪان اڳ حال، ٿي پيارو لڳو،
حال ۾ اڄ يادِ ماضي، ٿي اچي.

اڄ بہ منهنجو چين هي ويندو ڪٽي،
منهنجي حق ۾ درد- بازي، ٿي اچي.

ديد توڏي جو ڪڄي، طبيعت ۾ سچ،
او پرين پت ڪر نيازي، ٿي اچي.

'عائشہ' پو ڪير روڪي، پيار ڪان؟
پاڻ لئہ جي وقت قاضي، ٿي اچي.

* *

سات چنين تون سار نہ ڏي،
ساهہ مٿان تلوار نہ ڏي!

توکان ڏور گذاريان جيون،
اهڙي بيڙي هار نہ ڏي!

نفرت ڪو نہ وٺي ٿي جاني،
پنهنجا پل تون پيار نہ ڏي!

سامهون جيڏا! سُور ڏئي وڃ،
ڏوکو ڪو دلدار! نہ ڏي!

'عائشہ' ان کان موت پلو پر،
مون کي دوست! ميار نہ ڏي!

* *

او نماڻي اداس ڇو آهين!؟
ڇئہ سياڻي، اداس ڇو آهين!؟

ڇو ڦڪو، رنگ تنهنجي ڇهري جو،
نيڻ پاڻي، اداس ڇو آهين!؟

ٿهڪ تنهنجا، پلا ويا ڪاڏي،
مُـرِڪُ راڻي، اداس ڇو آهين!؟

ڇو پئي، نفرتن جو سوچين دل!
نيٺ سياڻي، اداس ڇو آهين!؟

'عائشہ' ڪير ويو، ڪري توکان-
موڪلاڻي، اداس ڇو آهين!؟

* *

دل رنو آهي جو، رني آشا،
لڙڪ منهنجن ۾، جڻ ڀني آشا!

آ خدا، حوصلو ڏنو ورنہ،
ڪين انسان کان، پني آشا.

هيءَ مون کان اڳي مري ويندي،
موت کان ڪو نہ آ، ڊني آشا.

ڪنهن نہ احساس سان ڏنو آهي،
ٿو لڳي جڻ، ڇوري ڇني آشا.

زندگيءَ ۾ اها، ضروري آ،
'عائشہ' وقت جا ڏني آشا.

* *

ڏرتيءَ لئہ جو مرندو آهي،
ماڻهو جڻ سو مرندو ناهي.

جهڙو ڏرتي چاهي سڀ کي،
اهڙو ڪير نہ ڪنهن کي چاهي.

جيجل! تنهنجا ڀڄڙا مرڪي،
چڙهندا آزاديءَ لئہ ڦاهي!

مجبوري ڏس مسڪينيءَ ۾،
پيئي زاري وک وک ڳاهي!

'عائشہ' پڇري پڇري پو ٿي،
پَ ت ڪر پيارا شعر هي ناهي.

* *

زندگي جو تو ڏنو، مون سو وتو،
ساٿ تنهنجو ڪيترو، ناهي پتو!

زندگي هر آس، تنهنجي ٿي پئي-
آ ڏچو مون لاءِ پر، سمجهو نہ تو!

پيار جي ٻولي سدا، ٻولي پيو،
من پرينءَ جي پيار ۾، اهڙو رتو.

تو پڇاڻان محب، ڏس هر ويل هي،
آ ڏکن جو من اندر، ميلو متو.

پيار جي ڪا ڇانَو، ناهي 'عائشہ'،
زندگي پيئي سڙي، ڏينهڙو تتو.

* *

راهہ سچ تي سڏو، هر قدم ٿي وڃي،
ڀونءِ سان ڄڻ تہ پورو، قسم ٿي وڃي.

جو بہ ڪيڙي سمهي، سو بکي پيٽ ڇو؟
فرد حق لاءِ هي، سرگرم ٿي وڃي.

ڪرت مزدور جي، آ عبادت مڃو،
جا بجا پوءِ آدم، اتم ٿي وڃي.

مڙس کي ٿي، مجازي خدا جا مڃي،
ڇو قتل ٿي وَ ني بي جرم ٿي وڃي.

'عائشہ' پيار جي، موٽ نفرت نہ ڏي،
موهہ انسان جو، شل ڏرم ٿي وڃي.

* *

اڄ گهڙي ڪن چين ڪو ڏي زندگي!
عرض توکي ٿي ڪيان اي زندگي!

هر گهڙي پيڙا ڏني تو آ منهي!
ساعتون ڏي چين جون ڪي زندگي!

تو تہ وک وک تي ڏنا ايذاءَ هن،
پيار توسان مون ڪيو ٿي زندگي!

قربتن ۾ ڪالهہ جي گهاريون گهڙيون،
اڄ وري پيهار ڏي سي زندگي!

'عائشہ' هر آس کان آجي ٿيان،
ساٿ بس منهنجو ڇڏي جي زندگي!

* *

حياتي ۾ اڄ جي نہ ٿو دوست پائين،
متان منهنجو پيارا! سپاٽي پچائين.

اجا آس دل ۾، پرين تو اچڻ جي،
اجا تانگهہ تنهنجي، سڄڻ ڪيستائين؟

سڪي مون هي تو لئہ، حياتي گذاري،
اجان پي تہ جاني پيو آزمائين!

ڏين نيڻ سجدا، چمن چاهہ مان چپ،
اها جاءِ جنهن جاءِ تي پير پائين.

ڪڏهن رنج 'عائشہ' رکيو ڪين توسان،
رضا تنهنجي راڻا! پيو جي ستائين.

* *

سڀ جي آهہ نهار اسان تي،
خوني خنجر خار اسان تي.

پل پل مرڪي ملندا آهيون؛
پوءِ بہ ڪاوڙ يار اسان تي.

هرڪو ويندو پاڻ ڇڏايون؛
پنهنجا رکندو بار اسان تي.

جڳ جون جيتون جڳ کي پرتيون
جِيُون ويندي هار اسان تي!

ميڙون منٿون کوڙ ڪيم پر؛
'عائشہ' پو بہ ميار اسان تي.

* *

آ سڳو رشتن جو نازڪ، اعتبارن کي نہ ڇڏجو!
وقت سان وڙهجي سدا ڀل، پل بہ پيارن کي نہ ڇڏجو!

حال ڀائي ٿي گذاريون، پاڻ تن جا هر گهڙيءَ لئہ،
هيڪلو مشڪل ۾ پيارا، بيقرارن کي نہ ڇڏجو!

چنڊ تي انسان پهچي، ڇا ڪيو انسان لئہ آ؟
خيال آفاقي ڏسو ٿا، ڀونءِ وارن کي نہ ڇڏجو!

ماءُ ۽ بابو نہ جنهن جو، جيئرو آهي دنيا ۾،
ڇو ڀُلَنِ ڀٽڪن اجايو، تن جي ٻارن کي نہ ڇڏجو!

'عائشہ' دنيا اميدن، تي رهي قائم تہ آهي،
آس رهندي زندگي ڀر، انتظارن کي نہ ڇڏجو!

* *

وقت ساڳيو، ڪو نہ بدليا چنڊ تارا!
بس اگر بدليا تہ هن انسان پيارا!

ڪو زمانو هو، ڏکن ۾ گڏ هيا سڀ،
هي زمانو آ، جدا هن ساٿ سارا!

سنڌ جي ساڳي مٽيءَ ۾ آهي خوشبوءَ،
ساوڪون ساڳيون رکن ٿا ڪيت ٻارا.

ڪو نہ ٻيو انسان جو، انسان ريءَ آ،
پاڻ آهيون پاڻ ئي، پنهنجا سهارا.

'عائشہ' وٽ محبتون، ماڻي دنيا ۾،
پل حياتي جا، نہ ٿيندا هن اڏارا.

* *

رهي آهي مون سان ڏکاري حياتي،
عجب آهي مون ڀي گذاري حياتي!

ڏکن ۾ سکن ۾ سدا ساٿ پنهنجو،
ڪري تون نہ وڃجان غداري حياتي!

سڪي تو گذاري سدا سنڌ وانگي،
وطن لاءِ گهاريئي ♦"بخاري" حياتي!

سوين سُور آهن، سوين پُور آهن،
مگر پو بہ آهي تہ پياري حياتي!

ڪئي 'عائشہ' مون سڄڻ جي حوالي،
نہ ها چار پنج پل، هي ساري حياتي!

* *

♦استاد بخاري

اکين جي گهٽائن سان، وسندا رهون ٿا،
پڇن بند نيڻن جا پڌندا رهون ٿا.

جڏهن چاهه جو ساهه ڪوئي گُهٽي ٿو،
اسان يار ڏاڍو ئي ڏکندا رهون ٿا.

ٿُـٿي آس، هر گام تي روز پنهنجي،
مگر ماڳ پنهنجي ڏي وڌندا رهون ٿا.

جڏهن ڏيهه، اونداهه جي ور چڙهي ٿو،
دليون، ديپ ٻاري، پو ٻرندا رهون ٿا.

ملي 'عائشہ' دل، جو احساس واري،
تڏهن پاڻ پل پل ۾ لڇندا رهون ٿا.

* *

وقت ڪنهن جو ڪو نہ آ گولو غلام،
ٿو زمانا! بس هلي تنهنجو نظام.

وقت توسان زندگي ڪٽجي پئي،
سار، سوچون، سور، سڏڪا، ڏي انعام.

ڪير پيو لالچ رکي توڏي اچي،
ٿي ڪري دل پاڻ تنهنجو احترام.

ديد ٿي هر روز تنهنجي دل گهري،
ڪيئن مان توکان ڪيان جاني ڪلام؟

'عائشہ' جو پيار سان نالو وٺي،
دوست اوچو ٿو ڪرين منهنجو مقام!

* *

دل وفا جي نہ، ڪنهن ۾ رَڪُ آشا،
ڄڻ تہ ماڻهو، وڃي بچيا پاڇا!

ڏات جيئن دک، وسي پيا آهن،
سک نہ مليا، ها، مون گهڻو جاچا!

روز احساس ٿا، مرن ماڻهو،
مَ ـنّ مقتل ۾ ڪو ڏسي لاشا!

هر قدم گهوَ ٿا، ملن هاڻي،
جند هڪ سُور چئہ، سهي ڇا ڇا؟!

"عائشہ"، ديد ٿي نہ دلبر جي،
نيڻ پنهنجا، سدا سڪن پياسا!

* *

سارون، سڏڪا ٿي ويا،
اُلڪا، اُڏما ٿي ويا.

بجلي هن جو روپ هو،
چمڪا چمڪا ٿي ويا.

مرڪي مرڪي نيڻ هي،
برڪا برڪا ٿي ويا.

پيارا پنهنجي پيار جا،
چوڏس چرچا ٿي ويا.

نازڪ ناتا "عائشہ"،
پنهنجا پختا ٿي ويا.

* *

وڻ مٿان پيو لنوي جو پڪي لاتڙي،
دل ٿي ويتر ٿئي يار لئہ آتڙي.

پاڪ آ صاف آ مير ناهي مٿا،
پاءِ منهنجي اندر ۾ پيلي جهاتڙي.

سُ ورَ ڏيندي نہ ڪر پورَ ڏيندي نہ ڪر،
يا تہ ايندي نہ ڪر روح ۾ ڏاتڙي.

سور ناسور ٿيو مونکان سک ڏور ٿيو،
ڏيهہ لئہ ڏينهن ٿيا منهنجي لئہ راتڙي.

'عائشہ' ٿي گُهران چين هاڻي سچي،
سر رکي مان سمهان پوءِ ڏي ڇاتڙي.

* *

چنگُ چپن جو چوري ڇڏ تون،
حال اندر جو، اوري ڇڏ تون!

جهوراڻا ئي، جي آ مقدر،
جيءُ بہ منهنجو، جهوري ڇڏ تون!

انساني احساس وڏو آ،
سو تہ نہ، ڏن سان توري ڇڏ تون!

ڏاڍ اڳيان، سر ڏاڍو پنهنجو،
ماهہ بہ قرب ۾ ڪوري ڇڏ تون!

سُور سُکن جي، سونهن ٿين ٿا،
ڏيل ڏکن سان ڏوري ڇڏ تون!

سنڌ گهريو آ، سر جي "عائشہ"،
سو چين ڇا ٿي؟ گهوري ڇڏ تون!

* *

علم سان روشن ڪريو، هر ٻار ڪي،
پو وڌايو پنهنجي ڀل ڪم ڪار ڪي.

او ابا ٻڪريون نہ ڏي، معصوم ڪي،
علم جو حق ٻار هر، ڏنار ڪي.

جي ٻچو تنهنجو پڙهي، ڪجهہ ٿي پوي،
رنگ لائيندو هلي، سنسار ڪي.

ڪاش پٽ، منهنجو هجي هان ڊاڪٽر،
ڇو ٿئي احساس پيءُ بيمار ڪي!؟

قوم پنهنجيءَ ۾ نياڳو، ڇو هجي،
مارجي تعليم سان، ڀوتار ڪي.

جو سچو استاد ناهي، ڪرت سان،
'عائشہ' بخشو نہ گنهگار ڪي.

* *

سُڪن ۾ ڏکن ۾ ڀُڪاري پئي،
ڪٿي دل اوهان کي وساري پئي!

وڇوڙي وڇوڙا وڌائي ڇڏيا،
اجا آس جي اک نهاري پئي.

ستي لوڪ من تات آڏيءَ اچي،
خوشيون من اندر مانُ ڀاري پئي.

وڏي پيار مان رات آيو ڪهي،
مگر درد کي دل ڏڪاري پئي.

فراقن ۾ جندڙي جيئي ۽ مَري،
نہ هڪ دم جدائي بہ ماري پئي!

پرين "**عائشہ**" پاڻ ايندا ڪڏهن،
اها آس هڪڙي جيئاري پئي.

* *

پاڻ نہ، پنهنجون ڳالهيون رهنديون،
اکڙيون ڪنهنجون، آليون رهنديون.

پنهنجي محبت جون، ٿي شاهد،
ڳوٺ جون ساڳيون، تاليون رهنديون.

ڪيسين هي، ڏهڪاءَ ڪراچي!
ڪيسين رت جون ناليون رهنديون؟!

جيسين پنهنجا شعر هي رهندا،
تيسين پيار جون پياليون رهنديون.

تيسين زرد نہ، چهرا ٿيندا،
جيسين لبڙن لاليون رهنديون.

"عائشہ" ڪير مڃائي تن کي؟
اکڙيون تيرهن تاليون رهنديون!

* *

پيا ايئن دشمن، اسان روز ماريون،
ڪلي تا ڏکن ۾، حياتي گذاريون.

وڏو حوصلو آ، اسان ۾ اياڻا!
اچن مشڪلاتون، نہ تا هانءُ هاريون.

ٻڌي جي وياسي، تہ تاري ڪبا ڇا؟
ٻڌڻ وارا ها جي، تنين کي تا تاريون.

زماني جو دستور، ويسر رهي آ،
اسان ساهہ سين پيا، سڄڻ روز ساريون.

هيو اعتبارن جو، گهر شيشي جهڙو،
پٿر تنهن ۾ شڪ جو، ويو ڏيئي ڏاريون.

اسان "عائشہ" صاف سوچون رکون ٿا،
سڙن پل سڙن جي، دليون دوست ڪاريون.

* *

ستو لوڪ، مون ساڻ تارن نڀايو!
چوان ڪيئن مون سان نہ پيارن نڀايو!

سکن سيج تي سڀ سمهي پيا سُکي ۽،
ڏکارن سان هوندو، ڏکارن نڀايو!

اکين مان وهن لڙڪ، ڄڻ نينهن نديون،
سدا نينهن سان نيڻ - نارن نڀايو.

الا لڙڪ سورن، ۽ پورن نہ ڇڏيو،
عمر، ساٿ ۾ توسان سارن نڀايو!

سڄي رات بک ۾، رهيا ماٺ ٻچڙا،
ابي ۽ امڙ ساڻ، ٻارن نڀايو!

سدا "عائشہ"، سنڌ ڦورن ڦري آ،
غدارن سان آهي، غدارن نڀايو!

* *

اڄهپَ ٽِ پون ٿا، نہ وَس مينهڙا!
اباڻا چون ٿا، نہ وس مينهڙا!

هي ماڻهن جا ڳوڙها، اڳي کان گهڻا،
اکين مان وسن ٿا، نہ وس مينهڙا!

رڳو سوچ جي، باهہ ساڙي پئي،
هي ماڻهو سڙن ٿا، نہ وس مينهڙا!

وڃي ٿر ۾ بادل، ڪا وسڪار ڪر،
اتر سڀ ڏکن ٿا، نہ وس مينهڙا!

اٽي ۽ لٽي لاءِ محتاج هون،
هي مارو! روئن ٿا، نہ وس مينهڙا!

وِڄون "عائشہ"، هاڻ ايندي ڏسي،
هي جهانگي جهرن ٿا، نہ وس مينهڙا!

* *

چڏيو هيڪل، نہ ڪير ڳالهائي!
ٿي چوي دل، نہ ڪير ڳالهائي.

ماڻ مونکي مزو، ڏنو ڏاڍو،
آ پلو، پل نہ ڪير ڳالهائي.

ٿو پچارون ڪري، پرايون هي،
لوڪ کي جهل، نہ ڪير ڳالهائي!

ذهن منهنجي کي، دل چيو آخر،
ڪا تہ ٽل، ٽل نہ ڪير ڳالهائي.

پاڻ سان پاڻ، مون جيان تون پي،
سُور پيو سَل نہ ڪير ڳالهائي!

"عائشہ" ساريان، سڄڻ جنهن پل،
مون سان تنهن پل نہ ڪير ڳالهائي!

* *

آءٌ سنڌ جي بڻي صدا آهيان،
آزمايو پلي وفا آهيان.

بد نظر کان خدا بچايو آ،
پيار وارن جي لئہ دعا آهيان.

اڄ بہ آدم ٿو ڏوهہ ڏي مونکي،
مان اپاڳي الا! حوا آهيان.

ڪو نہ هر گام تي گهٽايو تو،
پوءِ بہ توکان نہ ٿي خفا آهيان!

ڏور تنهنجي بہ ذات نيڻ کان،
هيڪلي هيڪلي، خدا آهيان!

"عائشہ"، دوست دل ۾ آ هر دم،
ٿي مڃان ديد کان جدا آهيان.

* *

گهوَ دل تي ڏنئي، پر ستايو نہ تو!
سُور ڏيندي سخي، هو گهٽايو نہ تو!

ڏوهہ پنهنجو مجيم چاهہ توسان اٿم،
ظلم مون تي ڪيو، سڀ اجايو نہ تو!

آءٌ سمجهان اهو، اڄ بہ توکي سڄڻ،
تو ڇا سمجهيو پئي، سو ٻڌايو نہ تو!

دل هي تنهنجو، پراڻو تہ گهر آ پرين،
پنهنجي سارن سوا، ڇو وسايو نہ تو!

ياد تنهنجي اچي، پاڻ مون کي ڇيو،
آنءُ ساريان پئي، ۽ ڀلايو نہ تو!

هر گهڙي امتحانن ۾، گذري پئي،
"عائشہ" کي اجا، آزمايو نہ تو!

* *

تنهنجو سانول سنگ وڻي ٿو،
جيون جو هر رنگ وڻي ٿو.

رڳ رڳ ساهہ سرور ملي ٿو،
تنهنجيءَ چاهت چنگ وڻي ٿو.

درويشن جي بات وڏي آ،
رب کي مست ملنگ وڻي ٿو.

سنڌ صبح آ، تنهنجو سهڻو،
سنڌوءَ ڪپ تي، ڪنگ وڻي ٿو.

محبت جو پنڌ، جيون سهڻو،
نفرت جو ٿئي، دنگ وڻي ٿو.

پنهنجو ساهہ ٻڌل آ جنهن سان،
"عائشہ" الفت، ونگ وڻي ٿو.

* *

ريءَ عمل، لفظن سان ڪيڏون،
ڪنهنجي ڇو جذبن سان ڪيڏون.

هوش، همت ۽ دل ٿي گهرجي،
يار نہ ڇئہ، صدمن سان ڪيڏون.

ساهہ تہ سڀ ڪي ساڳيو آهي،
هن جي ڇو، سڏڪن سان ڪيڏون.

شاعر جا، احساس اهي سڀ،
ڇا لئہ تن، نغمن سان ڪيڏون!

پورا ٿي من، پڇندي پرندي،
دل آ ڇڻ، درپن سان ڪيڏون.

"عائشہ" ڏسندا، ڏيهہ اسان کي،
هيٺا ٿي ڏاڍن سان ڪيڏون!

* *

پاڻ ڄڻ پيار، جي بهاني ۾،
ٿا جيئون زندگي، زماني ۾.

منهنجو مون سان بدن رهيو باقي،
روح رولا، رُلي ويراني ۾.

محبتن کان سوا، رکيو ڇاهي،
دوست محبت وندي، ديواني ۾.

ساڙ هر دور ۾، سڙيو هوندو،
پيار آ ساڙ جي، نشاني ۾.

بيقراري ۽ بي سڪوني آ،
ڇو ڪوي تنهنجي، هر فساني ۾.

"عائشہ" تو جڏهن ڇڏيو آهي،
درد آ دل جي آستاني ۾.

* *

دل رني ۽ نگاهہ، روئي ٿي،
ڪا تڪي تنهنجي راهہ، روئي ٿي.

ڪو نہ همدرد آ ٻڌيو هن جو،
تنهنجي ٻانهي الله! روئي ٿي.

بي رخي ڪو نہ ٿي رکي ڪنهن لئہ،
دل ساري هي چاهہ، روئي ٿي.

ڪو نہ ڪاٿي ملي اياڳڻ کي،
پيار جهڙي پناهہ، روئي ٿي.

ڪو نہ جاڳيا سنڌي ستل آهن،
سنڌ تنهنجي او شاهہ! روئي ٿي.

ياد "عائشہ" پرين پيو پيهر،
دل ڀري ٽڌڙا ساهہ، روئي ٿي.

* *

اک اڙي دل اڙي، وئي اڙي زندگي،
چار ڏينهن چاهہ جا، پو سڙي زندگي!

سال صديون، گذاري هي چوندا ويا،
جڻ اسان جي هئي، پل گهڙي زندگي!

ساءِ سکَ سڀ ڇڏي، ويا زمانا ٿيا،
سور جي ٿو ڇڏين، آ ڇڙي زندگي!

سنڌ آهي مٺي، ۽ مٺو پيو سجڻ،
ڪين ڪنهن سان ٿيون ٿم جڙي زندگي!

پيار ۾ زندگيءَ، هر مزو ٿي ڏنو،
پيار بن ٿوهہ کان، وڌ ڪڙي زندگي!

'عائشہ' حال، هلندڙ ۽ ايندڙ ڏيان،
پر نہ ماضي طرف، ڏي لڙي زندگي!

* *

توکي ساري روز ويچاري،
دلبر دلڙي دردن ماري.

اندر ۾ آڙاهہ اُلا ڙي!
باهہ برهہ تن من ۾ ٻاري.

مورو، دادو وک وک جادو،
سنڌڙي سهڻي آهي ساري.

لڇندي سڪندي گهاري آهي،
توبن ساجن عمر هي ساري.

ايندي آهي جيءُ جلائڻ،
ياد پرين جي پو ڀي پياري.

"عائشہ" آشا قائم رهندي،
دلڙي ناهي مون ڀي هاري.

* *

زندگي گذري پئي،
ڪا تہ شيءِ وسري پئي!

وقت جي، ڏس واءَ ۾،
ياد ڪا، اڏري پئي.

سا هُلي ٿي، وات مان،
بات جا، نڪري پئي.

تو چيو، دل آ پٿر،
ڪيئن پو، پگهري پئي.

ڪير ميڙي، زندگي،
ٿي پتيون، وکري پئي.

هڪ ٿتي آشا، تہ ٻي،
من منجهان اُسري پئي.

* *

دل ۾ دردن جي آ، ڇڪتاڻ رهي،
جنگ بس آهي، چين ڪاڻ رهي.

عشق جنهن ڏينهن، ڪان اچي ويٺو،
سور جي من اندر، مانڌاڻ رهي.

مرڪ آندي وڏي، هي مشڪل سان،
پو به نيڻن ۾ ڇو، آلاڻ رهي.

رات جاڳي، لڇي رنيون هونديون،
آهي اکڙين ۾ جو لالاڻ رهي.

سور ڪوئي ڪٽي ڪتائي هان،
دل سدا سور سندي ڪاڻ رهي.

'عائشہ' روپ، جنهن ڏٺو تنهنجو،
تنهن چيو تو ۾ آ، چاندڀاڻ رهي.

* *

پير نہ پنهنجا، پيرا رهندا،
تو وٽ سنڌ، سويرا رهندا.

ٿيندو ڪئن، آباد امن، جو-
ماڻهو ٿي، من - ميرا رهندا.

پيار پڪي، جي ماريا ويندا،
خالي ٿي، آڪيرا رهندا.

نيٺ مري تون، ويندين ماري!
پيار - ذڪر ۾ ڳيرا رهندا.

جيسين دل ۾، آشا رهندي،
تيسين دردن - ديرا رهندا.

سنڌ نہ ڇڏجو سنڌي آهيو،
هوليون ۽ ست ڦيرا رهندا.

''عائشہ'' ڌرتيءَ لاءِ وڙهن جي،
سي ٿي مرد مٿيرا رهندا.

* *

حال اندر جو، اوريون هاڻي،
چاهت مان چپ، چوريون هاڻي.

تنهنجي نفرت، منهنجي محبت،
ويهہ تہ ويهي، توريون هاڻي.

واٽ ۾ ٻاٽ، جي آهي ڇاهي،
پير صبح ڏي، سوريون هاڻي.

تون ڀي ساٿ، ڇنين ٿو ساٿي،
جهوري وجهنديون، جهوريون هاڻي.

تو وٽ عرض، اگهيو جو ناهي،
ٿي ويون ڳالهيون، ڳوريون هاڻي.

چار قدم هل اڳتي 'عائشہ'،
دوست وڪون هن، ٿوريون هاڻي.

* *

عشق لڪائي، آلبو ڪيسين؟
دل سان دل، هي دلبو ڪيسين؟

پير تہ پنهنجي، وس ۾ ليکن،
پيار پرينءَ کان، پلبو ڪيسين؟

دل تہ نهيو پر، ڏيان نہ ڏي جو،
دکُ من! تنهن سان، سلبو ڪيسين؟

وقت ڏئي ويو، مات اسان کي،
هٿ تي هٿ هي، ملبو ڪيسين؟

اوڏو هوندي، ڏور رهين ٿو،
روح اڪيلو رلبو ڪيسين؟

'عائشہ' جو تون، دلبر آهين،
خود سان خود، هي دلبو ڪيسين؟

* *

سچ نگاهن سان ڪٿو محبوب تو،
هوريان هوريان دردُ دل توکان وتو.

ڪجهہ سخي مرڪڻ جي اڄ ڪر ڪا سخا،
حسن وارا حسن جو ٿئي واسطو.

سانت جيئن جيئن وئي وڌي آ من اندر،
تيئن سارُن جو منا ميلو متو.

زندگيءَ تي ڪو نہ آهي اعتبار،
تون ملين پيهار سو ناهي پتو!

پيو تہ ڪجهہ پي ڪو نہ آ مون وٽ پرين!
گيت وائي، تو مٿان واريان قطعو.

'عائشہ' پڪ ڄاڻ او منهنجا پرين!
پاڪ روحن جو پيو رهندو رابطو.

* *

پيار ۾ پيارا پتڪو ڪيسين،
سار ستن جو ستڪو ڪيسين!

آءُ هلي آ هاڻي جاني،
تنهنجي اچڻ جو ڪتڪو ڪيسين!

ساهہ رهي ٿو چاهہ رهي ٿو،
دل کي تنهنجو الڪو ڪيسين!

هن جي صورت من جي مورت،
ڪنوڻيون اکڙيون، چمڪو ڪيسين!

تات پرينءَ جي بات پرينءَ جي،
ڏڪ ڏڪ دل جو ڏڙڪو ڪيسين!

هيءَ ڳهيلي 'عائشہ' توبن،
هن کي ڏي ڪو آٿت ڪيسين!

* *

من ۾ ڪوئي، مير نہ رکجي،
پنهنجن هوندي غير نہ رکجي.

سنڌ، سڄڻ ئي، سڀ ڪجهہ آهي،
باقي دل ۾ ڪير نہ رکجي.

ڏور اکين جي اوندهہ ٿيندي،
اندر ۾ انڌير نہ رکجي.

سونهن ۽ حق جي، خاطر وڙهجي،
ذاتي ڪنهن سان، وير نہ رکجي.

جيڪو ديس، ڦري ٿو پنهنجو،
تنهن لئہ پيارا، خير نہ رکجي.

'عائشہ'! فعل ۽ قول ۾ ڪاٿي،
ٻُلجي هير ۽ ڦير نہ رکجي.

* *

مزا حياتي، ڏچا حياتي!
عجيب تنهنجي ڪٿا حياتي!

وجاءِ وئرٿ نہ او اياڻا!
ڪٿي خدا خود عطا حياتي!

مٿان هي تنهنجي وسي رهي آ،
سدا غمن جي گهٽا حياتي!

ڏُٿي نہ توسان هي ساهہ - ناتو،
وري بہ تون بي وفا حياتي!

ڀلي ڪٽي سور ڏي سدا تون،
ٿيان نہ توکان خفا حياتي!

هي 'عائشہ' کي مليا ڏنا تو،
هزار سک ڏک وتا حياتي!

* *

عشق آ درد جي، پيري عائشہ
سوچ ڪر ٿي نہ تون، چري عائشہ!

عشق سک چين، ٿو ڦري سارو،
عشق ڪان بچ وري، وري عائشہ!

زندگي ٿي سڙي، ونجي ساري،
چٽنگ دل ۾ اگر، ٻري عائشہ!

عشق جو اگهہ رکي، اڳي ان ڪان،
بند ڪر دل سندي، دري عائشہ!

ساهہ سانوڻ لئہ جيئن، سکي ٿر جو،
روح تنهنجو بہ ڄڻ، ٿري عائشہ!

خيال سان دل متان، ڏکائين ڪا،
ڇو تہ ويندينءَ ڪڏهن مري عائشہ!

* *

ساري ساري ڪڏهن، وساريندو،
ڪيترو ڪير ڪنهن کي ساريندو!

روح جو روح سان، جڙيو ناتو،
روح کي روح پيو، پڪاريندو.

آهي انسانيت بچائي تنهن،
جو بہ انسان هڪ جيئاريندو.

سار مشڪل ۾ تون علي مولا،
پنهنجو پيڙو اهو ئي، تاريندو.

ڪين کي سو وسارجي سگهندو،
دوست مشڪل ۾ جيڪو گهاريندو.

'عائشہ' جي اکيون، ٿڪجي پوريون.
پوءِ ان کي نہ ڪو اٿاريندو.

* *

اک اڙي دل لڳي ڇا ڪيئہ،
سک ڦٽي زندگي ڇا ڪيئہ!

پيار کي پاڪ ڄاڻي نہ جا،
سوچ تنهنجي گندي ڇا ڪيئہ!

آهي ڏيکاءُ ٿي ڏيهہ ۾،
ڪر پلي بندگي ڇا ڪيئہ!

معاف منڙا خدا شل ڪري،
مَ ِن رکي تو مندي ڇا ڪيئہ!

وقت محبوب مون کان کسي،
جي ڏنئي ڪا خوشي ڇا ڪيئہ!

'عائشہ' تو نہ مون کي ڏني،
قرب جي ڪا رتي ڇا ڪيئہ!

* *

دوستيءَ منجهہ ڄڻ صلو ڏيندين،
ٿورڙو دوست، حوصلو ڏيندين!

ڏوهہ هر موهہ سان، پري ڏيندس،
منصفاڻو تون، فيصلو ڏيندين!

رنج دل کي، نہ چين ڏيندو آ،
پيار جو هاڻ، مرحلو ڏيندين!

ڪين مايوس، ٿي گذاريندس،
ساٿ جو تون، جي سلسلو ڏيندين!

وقت درياءَ مان، تري وڃبو،
اعتبارن جو، دل ِدلو ڏيندين!

'عائشہ' جو بچڻ، تہ مشڪل آ،
دل ۾ دردن جو زلزلو ڏيندين!

* *

حال دل جو ڪٿي لڪائي ٿو،
هو تہ نيڻن سان سڀ ٻڌائي ٿو.

پيار وارا ٿا پيار ئي چاهن،
ڏيهہ نفرت پريو ستائي ٿو.

’ڪم پوي ڪل پوي‘ چوي سائين،
يار هرڪو هتي سڏائي ٿو.

عشق منصور، عشق آ سرمد،
عشق سوليءَ تي سر ڪٽائي ٿو.

عشق سرتي ۽ عشق ڌرتيءَ سان،
مرد سو ئي جو سچ نڀائي ٿو.

’عائشہ‘ شعر مون لکيو ناهي،
ديس جو درد ئي لکائي ٿو.

* *

نہ ڪا ساڻ سرتي سهيلي رهي،
ازل کان حياتي اڪيلي رهي.

گهڙي هر گهڙيءَ جون اميدون جليون،
هي شمشان من جي حويلي رهي.

اسان جي اکين تي پڄڻ ۾ پرين!
سدا نند منڙي اويلي رهي.

بلا آهي ڪهڙي هي سوچي پئي،
اجا نينهن ۾ ڪا نويلي رهي.

وڃائي سڳنڌ، سونهن ويئي سڄي،
هي ظالم هٿن ۾ چنبيلي رهي.

انهن کي ڀلا ڪير سمجهي سگهي؟
عجب ’عائشہ‘ آ پهيلي رهي.

* *

ڏور ايڏو نہ رهہ ڇا خبر زندگي!؟
پيار ناهي اگر بي ثمر زندگي!

تون جدا ٿو رهين دل بہ تڙپي لڇي،
نيٺ گذري پئي مختصر زندگي!

دل دکي ۽ پري سُور ڇا ڇا سهي؟
ٿي ڪري روز راڻا حشر زندگي!

ساٿ تنهنجو ڇنو روح ڏاڍو رنو،
ساهہ بي چين آ، ڄڻ قهر زندگي!

ڪو بہ ماپو نہ جنهن جو دنيا ۾ پرين،
سُور، پيڙا جو اوکو بحر زندگي!

'عائشہ' کي ملي هڪ حياتي بہ سا،
دوست تنهنجي ڪئي آ نظر زندگي!

* *

ٿي پوي برسات تارا گم ٿيا،
ڏس! اڪيلي دل، سهارا گم ٿيا!

ڪجهہ نہ آ آڪاش ۾ اوندهہ سوا،
نيٺ منهنجن ڪان نظارا گم ٿيا!

آب رحمت ساڻ ٿي رَلِ مَلِ وري،
سڀ متيءَ ۾ لڙڪ پيارا گم ٿيا!

درد جي آمد ڪئي تو دل مني،
ٿهڪ ها جيڪي اڏارا گم ٿيا!

رات روئي نيٺ پوٽي جي ڏٺا،
نيٺ ڪوليا خواب سارا گم ٿيا!

'عائشہ' تنهنجي وڃڻ ڪان پوءِ ڄڻ،
منهنجي قسمت جا ستارا گم ٿيا!

* *

چيو دل پرين جي، زيارت ڪجي،
گناهن کي ڇڏجي، عبادت ڪجي.

سڄڻ سنڌ تي، جو سڙي ساڙ ۾،
پئي روز تنهن کي، ملامت ڪجي.

نہ آشا عمل جي، ٻين ۾ رکون،
چڱو پاڻ پنهنجي، امامت ڪجي.

سُرن جو جي سرگم، ڪو ڇيڙيون مٺا،
عمر ڀر انهيءَ لاءِ، رياضت ڪجي.

وري دل پرين ياد، پنهنجا ڪجن،
وري ڪا اندر ۾، قيامت ڪجي.

ڀلي موهہ ۾ پيو، سدا سُور ڏي،
سڄڻ سان نہ هرگز شڪايت ڪجي.

اها "عائشہ" آ، عبادت ڀلي،
تہ خلقت خدا ساڻ، محبت ڪجي.

* *

توسان منهنجو، نباهہ شاهد آ،
ناهي ڪوئي، الله شاهد آ.

نانَو تنهنجي جو ورد آهي ڪيو،
بت منهنجي ۾ ساهہ شاهد آ.

عشق - درياءَ ۾، لٿا عاشق.
سُر سُهڻيءَ ۾، شاهہ شاهد آ.

ساڙُ دل جي نہ ڪعبي ۾ ايندو،
ٿو وسي يار، چاهہ شاهد آ.

سنڌ جو آ سنڌو، سڄو سارو،
پاڻ پنهنجو درياهہ شاهد آ.

تو سواءِ ڪو نہ ٻيو سڄڻ منهنجو،
تو تي منهنجو، ويساهہ شاهد آ.

"عائشہ" ۾ ڏسو بچو ڇاهي؟
حال ان جو، تباهہ شاهد آ!

* *

ڪين لفظن ۾ قربتون گهرجن،
ٿيون حقيقت ۾ محبتون گهرجن.

ڀونءِ انسان مان دڪي آهي،
ڀونءِ کي ڪين نفرتون گهرجن.

گيت دل ۾ اچي جو راحت ڏي،
سال صدين جون رياضتون گهرجن.

زندگيءَ ۾ سڪون ٿو گهرجي،
زندگي منجهہ چاهتون گهرجن.

ساڙ سيني اندر اٿئي سانڍيو،
ساهہ تنهنجي کي راحتون گهرجن.

ڪا چڱائي ڪجي تہ بيڙن جون،
يار ڇا لئہ اجازتون گهرجن؟!

”عائشہ“ سنڌ کي بچايون ٿا،
هاڻ پنهنجن جون طاقتون گهرجن.

* *

ڇڏ سياڻي پرين، زندگي ٿي وڃي،
آءُ هاڻي پرين، زندگي ٿي وڃي.

سونهن ۽ سنڌ تان، مون تہ صدقو ڪئي،
ريءَ ناڻي پرين، زندگي ٿي وڃي.

چاهہ ڇا ساهہ ڀي، آ فدا تو مٿان،
رب ٿو ڄاڻي پرين، زندگي ٿي وڃي.

تو سوا ڀُور هن، درد هن، سُور هن،
گلهو ماڻي پرين، زندگي ٿي وڃي.

لڙڪ سمجهيا پئي، جڳ اکين جا مگر،
آس ڇاڻي پرين، زندگي ٿي وڃي.

شام ٿي ڪو نہ آئين، خدا خوش رکئي،
تو ڏي تاڻي پرين، زندگي ٿي وڃي.

”عائشہ“ پيڙبي، جند منهنجي رهي،
عشق گهاڻي پرين، زندگي ٿي وڃي.

* *

سارو ڏيهہ، سجايو ماڻهو،
وِڪَ وِڪَ پيار، وسايو ماڻهو!

هر هڪ من ۾، محبت مرڪي،
گيت امن جا، ڳايو ماڻهو!

دل تہ خدا جو، گهر آ ٻيشڪ،
گهر نہ خدا جو، ڊاهيو ماڻهو!

نفرت، باهہ بري آ، ٻچڙي،
نفرت جيءُ، جلايو ماڻهو!

پيار جي سهڻي، راهہ نہ ڇڏجو،
باقي پنڌ اجايو ماڻهو!

عشق عقل کان، آجو آهي،
ڪنهن کي ٿا سمجهايو ماڻهو!

ڪو تہ نيائي، هن سان "عائشہ"
سڀ سان نينهن نيايو ماڻهو!

* *

ڦٽايو نہ محفل، اُٿي ٿا وڃون،
اسان خير آ جي، ڏکي ٿا وڃون!

اگر ڏاڍ هوندو، تہ آهيون اُڀا،
اگر پيار آهي، جهڪي ٿا وڃون!

جتي قرب ڪونيو، اسان کي اتي،
سچي يار هڪ دم، ڊڪي ٿا وڃون!

جڏهن بي رخيءَ مان، اسان ڏي ڏسو،
تہ بيساهہ ٿي ڄڻ سڪي ٿا وڃون!

پيلي سُور مرڪي، اسان کي ڏيو،
نہ ٿي رنج راڻا، لڇي ٿا وڃون.

اوهانجي اکين جون نهارون تکيون،
وڏي شوق سان من، ڪسي ٿا وڃون!

سدا "عائشہ" ياد، رهندا سڄڻ،
متان ايئن پانيو، رسي ٿا وڃون!

* *

ڊوڙي جندڙي، ٿڪڻي آهي،
نيٺ تہ ساهي پٽڻي آهي.

سور نہ، پور نہ، آس رهي ڪا،
دل هي دلبر، سڪڻي آهي.

موهن جا آثار چون ٿا،
ڪا نہ سمبارا، نچڻي آهي.

من مندر ۾، مورت سهڻي،
سيرت صورت رکڻي آهي.

جهت ۾ جهتي ٿو، موت اچي ٿو،
ڪو نہ حياتي، بچڻي آهي.

پوڳيو ڏاڍو، هاڻي دل جي،
بات نہ ڪائي، مڃڻي آهي.

ڏکڙن سان ٿي، عائشہ گهاريو،
ڪا نہ خوشي جو، اچڻي آهي.

* *

سجائي مرڪ، چپڙن تي رکان ٿي،
پئي هر ڀور سان، من ۾ پچان ٿي.

صفا منهنجي، حياتي، وانگ آهي،
خيالن ۾، قبر پنهنجي ڏسان ٿي.

نئين هر آس ٿي، دل جو سمائي،
سبق هر آس کان، سهڻو سکان ٿي.

اڙي او سانورا بادل! نہ وس تون،
الا! اکڙين سان، مان روئي وسان ٿي.

چيو مون جاڳ کي، 'اڄ دوست ايندو'،
چيو آ ننڊ 'اڄ مان پي اچان ٿي!'

هڻي نظرن جا، ٿو محبوب نشتر،
الائي ڪيئن، پر هر هر بچان ٿي.

پڇو هن پيار ٿئي، ڪنهن ساڻ 'عائشہ'،
وٺان ڪيئن نانءُ تنهنجو مان ڊڄان ٿي!

* *

سنڌ ساري پڪار، ٿي ويئي،
اک اک لڙڪ لار، ٿي ويئي.

سرخرو حق حسين ٿيو باقي،
آهي ظالم جي هار، ٿي ويئي.

او ڪَوي! تو جا وات وائي آ،
دشمنن لئہ ترار، ٿي ويئي.

تو هي غيرن جي، پر جهلي آهي،
توتي لعنت غدار! ٿي ويئي.

وات واڳن مان، جو اڙي سهڻي،
ڏُس پتيون ميهار ٿي ويئي.

ڪيترو صبر سان سڙي آخر،
قوم سنڌي، بيدار، ٿي ويئي.

ڪو نہ 'عائشہ' ڪڏهن وڪاڻي جو،
آهي سانگين جي سار، ٿي ويئي.

* *

ياد ماضيءَ جا پل، وريا آهن
نيڻ ۾ دل ٻئي، ٻريا آهن.

پيار توکان، پري گذارن ٿا،
آدمي ٿي پَـيا، چريا آهن.

ٿي وئي توسان، سُور سنگت آ،
پل خوشين جا، ڪٿي ڦريا آهن.

ڇو حقيقت کان، رُخ پيا موڙن،
ڇو سنا ذهن ائين ڪريا آهن.

وقت شاهد، رهيو خدا وانگي،
مونسان احساس ئي، ڳريا آهن.

درد دل جي تري ۾ ها جيڪي،
سي اکين ۾ ڏسو، تريا آهن.

"عائشہ" نيڻ جاڳ سان جاڳن،
ديپ آشا سندا، ٻريا آهن.

* *

پرت ۽ پيار آ، روشني روشني،
سارو سنسار آ، روشني روشني.

همسفر، همقدم ٿو رهي هر پهر،
دوست دلدار آ، روشني روشني.

پنهنجوساٿي خدا کوڪندوچاجدا،
دل ۾ اعتبار آ، روشني روشني.

ٻات جاهلپڻو مات ماري ڪبو،
پنهنجو اقرار آ، روشني روشني.

ذات ۾ ٻات ۾ صاف ظاهر ٿئي،
سوچ سينگار آ، روشني روشني.

جو علم کي وڌائي پڌائي ڀلي،
ڇو نہ ڪردار آ، روشني روشني.

'عائشہ' کي ڏسو ڪجھ سيکاريو سکو،
ذات ڏاتار آ، روشني روشني.

* *

روئڻ، مرڪڻ حياتيءَ جو حصو آ،
رُسڻ، پرچڻ، حياتيءَ جو حصو آ.

ڪڏهن ميلو، ڪڏهن ماتام آهي،
لڄڻ، جهومڻ، حياتيءَ جو حصو آ.

مليو ڄڻ روح ئي رولاڪ آهي،
لڳي ڀٽڪڻ، حياتيءَ جو حصو آ.

نظر محبوب جي تلوار جهڙي،
الا ڦٽڪڻ حياتيءَ جو حصو آ.

نہ غم، ڪم سمجھ ڪُٽڻو آ سياڻا،
رڳو هڻ هڻ، حياتيءَ جو حصو آ.

جتي ويهي پڳو ٿڪ، پيار پنهنجي،
اهو وڻ وڻ، حياتيءَ جو حصو آ.

سدائين مرڪ ڀي، رهڻي نہ آهي،
سچي سڏڪڻ، حياتيءَ جو حصو آ.

ڇڏي آهن ويون، من جون بهارون،
خزان پن ڇڻ، حياتيءَ جو حصو آ.

ملئي ٿو "عائشہ" جو درد هاڻي،
ڪلي ڪڻ ڪڻ، حياتيءَ جو حصو آ.

*

نهارن چئہ، نگاهون ڪيستائين؟
اجا ڏي دل، صدائون ڪيستائين؟

خدا ڄاڻي، اگهي هڪڙي بہ ناهي،
اجا گهرجن دعائون ڪيستائين؟

اُهي جيءَ کيڀَ ـيون ساڙن، سدائين،
وڇوڙن جون هوائون ڪيستائين؟

اجان ٿو ڏور، ڏاڍو ماڳ ڏسجي،
اجا ويران راهون ڪيستائين؟

اجان مظلوم مرندا، ڇو خدارا،
ڪري دل درد دانهون ڪيستائين؟

اجا ناهي، ٿيو جو ڪجهہ عمل ۾،
اجا سنڌ لئہ صلاحون ڪيستائين؟

اجا هي ديس، ڇو لٽبو رهي ٿو،
اجا ڏُوتن جون ڪاهون ڪيستائين؟

حياتي ”عائشہ“ سان ڪاهہ ٿورو،
پتو ناهي، پڳا هون ڪيستائين؟

* *

اوهان جي بزم مان اُٿڻ وارا آهيون،
پتو ناهي ڪيڏانهن وڃڻ وارا آهيون.

اسان شعر پنهنجن سان گڏجي هوا ۾،
وڄڻ وارا آهيون، گهلڻ وارا آهيون.

نڪي راهہ ۾ خار، رکجو اسان لئہ،
اسان راهِ الفت، هلڻ وارا آهيون.

اوهان ساڻ جيئڻ، گُهريو آ سدائين،
ڇنو ٿا جي ناتو، مرڻ وارا آهيون.

اسان ڪربلا، سنڌ من ۾ سمائي،
خوشيءَ ساڻ حق لئہ ڪُسڻ وارا آهيون.

ڀلي قرب ۾ ڪنڌ ڪاتي وهايو،
اسان قرب ۾ ڪٿ ڪڇڻ وارا آهيون.

اسان درد درياءَ ۾، ٻڏندا رهون ٿا،
ڪٿي هي چيوسين، ترڻ وارا آهيون.

اگر ”عائشہ“ ’جيءُ‘ سڪَ ۾ چيوسين،
نہ پو ڦُوٽ‘ ُڀلجي ڪرڻ وارا آهيون.

* *

ياد ايئن تنهنجي اچي،
جڻ تہ پاڻي پياس ۾!

ڇڏ اميدون تون رکڻ،
لوڪ هن بي قياس ۾!

جيئڙو جُهرندو مگر،
گهارجي احساس ۾.

نانءُ شل منهنجو رهي،
سنڌ جي اتهاس ۾.

دوست آ رشتو پڪو،
دل اندر وشواس ۾.

پاڳ پنهنجو پونءَ تي،
ڪو نہ ڪجهہ آڪاس ۾.

آدميءَ جي آ نظر،
آدميءَ جي ماس ۾.

'عائشہ'! مليو نہ هُـو،
زندگي وئي آس ۾.

* *

ٿي ڏيئي پيار کي پناهون دل!
ڇا تہ سانڍي پئي وفائون دل!

دوست توکي دغا جي بدلي ۾،
منهنجي درويش ڏي دعائون دل.

پيار جي راهہ ڇڏ ڪٽي هاڻي،
ڪوڙ پوڳيون اٿئي سزائون دل.

نينهن نيازي ڏني پلي آهي،
تون نہ رکجان ڪڏهن انائون دل!

صاف سچ پاڪ پيار سهڻو آ،
ڪي نيت ۾ نہ رک بلائون دل!

ٿي چري جنهن جي چاهہ ۾ آهين،
ڇا ڏنيون تنهن ۾ تو ادائون دل!؟

ويچ تنهنجو پرين ڪٿان آڻيان؟
ڪاءُ دکَ پانءَ جڻ دوائون دل!

ساهہ کان ٿا چون جو ويجهو آ،
ڇا پڌيون هونديون تنهن صدائون دل!

'عائشہ' جي حيات تو ۾ آ،
ڇئہ ڇڏيان ڪيئن توکي آئون دل!

* *

ڏوکو ۽ دولاب ڪندا ڪيئن،
نينهن نيائڻ وارا ماڻهو!؟

ڪنهن جو پي احساس نہ سمجهن،
لڙڪ وهائڻ وارا ماڻهو.

سک سان پاڻ بہ سمهندا ناهن،
چين ڦٽائڻ وارا ماڻهو!

توتي ڇانَو لطيف، سچل جي،
سنڌ بچائڻ وارا ماڻهو!

قاتل، غاصب سي ٿيندا هن،
حق کي کائڻ وارا ماڻهو!

ڪانئر ٿيو پيا جيئندا رهندا،
ڪنڌ جهڪائڻ وارا ماڻهو!

توکي وقت ستائيندو پيو،
سوچ! ستائڻ وارا ماڻهو!

'عائشہ' تنها رهندا آهن،
پاڻ پڏائڻ وارا ماڻهو!

* *

تتيءَ کان ٿڌيءَ کان پناهن ۾ رکجو،
پرين پاڪ پنهنجين نگاهن ۾ رکجو!

ڏکيءَ ۾ سُکيءَ ۾ اوهان ساڻ راضي،
پلي پيا اسان کي سزائن ۾ رکجو!

پوي يار ڦٽکي، بچي جيئن نہ منڙو!
اثر اهڙو جاني ادائن ۾ رکجو!

ڪٿي من چئون ٿا هندورن ۾ لوڏيو،
اسان کي غمن جي گهٽائن ۾ رکجو!

هتي دل لڳائڻ اگر ڏوهہ آهي،
لڳي دل وئي ٿم خطائن ۾ رکجو!

جنت جو مزو آ اوهان ساڻ ايندو،
سدائين پرين پنهنجي ٻانهن ۾ رکجو!

اسين ديپ آهيون انڌيرن جا ويري،
اسان کي نہ هرگز هوائن ۾ رکجو!

اسين ڪجهہ نہ چاهيون سوا پيار کان پيو،
سدا ياد منڙا دعائن ۾ رکجو!

پيا ڏوهہ سارا مٿان مون مڙهيو پل،
مگر نانءُ "عائشہ" وفائن ۾ رکجو!

* *

ڇا ٿيو جي آن، هڪ ڄڻي عائشہ!
ڏيهہ جا ڏڪ، هل ڪٽي عائشہ!

ظلم خاموش ڇو سهي آخر؟
سنڌ جيجل جي آ، ڄڻي عائشہ!

سور ويندا، سُرور ڀي ايندو،
پنهنجو رب آ وڏو، ڏٺي عائشہ!

پير هاڻي نہ، ساهبا ڪاٿي،
ٿي وئي دير آ، گهٽي عائشہ!

ساهہ ويساهہ کان، وڏو ناهي،
هام وينئي جو آن، هٽي عائشہ!

سمنڊ ناهيان، درياءَ ڀي ناهيان،
آهيان پر، قرب جي ڪٽي عائشہ!

چين سارو ڦري، وئي تنهنجو،
عاشقي توکي ڪيئن، وٺي عائشہ!

شوق اذيت ڏئي، ڏني شهرت،
درد ۾ شاعرا، بڻي عائشہ!

زندگي ڄڻ خزان ۾، وڻ وانگي،
روز ٿي پن جيان، ڇڻي عائشہ!

* *

مان سڄي سُور هان، توکي مسرت ڪپي،
آءٌ آڻيان ڪٿان، توکي نصرت ڪپي!؟

آنءُ بي نام، جيَون گذاريان پئي،
نانَو توکي اتم، توکي شهرت ڪپي!

اڻ گُهري ٿي ملي، روز مون کي پرين،
مان چوان ٿي پئي، ڪو نہ غربت ڪپي!

زندگيءَ ۾ گهڙي ڪَن سڪَ جي گُهريم،
مون ڪٿي هي چيو، عيش عشرت ڪپي!؟

پيار هاڻي دلين مان، لڏي ٿو ڏسو،
هاڻ ڪائڻ، سين کي تہ عبرت ڪپي!

هاڻ آشا نہ ڪائي، آ باقي بچي،
هاڻ دل ڀي، چوي ٿي نہ حسرت ڪپي!

هاڻ دنيا ۾ قائم، امن ٿو ڪجي،
هاڻ قربت ۾ پيارا، ٿي ڪثرت ڪپي!

ڪونہ مظلوم کي حق ملي ٿو هتي،
ڪورٿن ۾ خدا! تنهنجي قدرت ڪپي!

"عائشہ"، کي ڀلي، محبتون ڏي نہ ڏي،
ڪڻ هيءُ پنهنجي، زمانا! نہ نفرت ڪپي!

* *

سور سارو، بيان ۾ آهي،
درد دل جي جهان ۾ آهي.

جو بہ آهي، تہ پيونءِ ۾ آهي.
ڪو نہ ڪجھہ آسمان ۾ آهي.

سو پيتائي ڏسي پيو ساري،
بات جيڪا قرآن ۾ آهي.

گهر متيءَ جو ڏسي نہ گهبرايو،
پيار من جي مڪان ۾ آهي.

صورتن ۾ اجايو ڳولين ٿو،
ماڻهو سهڻو، زبان ۾ آهي.

ڪوڙ مقصد پيا بہ هن ليڪن،
زندگي پوري نانَ ۾ آهي.

ڍنگ جو ڪم نہ ڪار ٿو ڏسجي،
ڪو نہ ڪجھہ نوجوان ۾ آهي.

”عائشہ“ خيال سان هلو هاڻي،
غير جي، سنڌ نشان ۾ آهي.

* *

سُور منهنجي ساهہ کي تو ئي ڏنو،
تو پلا پو ڇو وري روئي ڏنو!؟

وقت کي جيڪو ڏنو ڪلهہ مون هيو،
وقت موتائي وري سو ئي ڏنو!

ميرڙي من کي ڪٽي ڪهڙو جيئڻ؟
تو بہ ڏوپي ڪو نہ مُن ڏوئي ڏنو!

سيڻ پي سارن پيا مون کي هُتي،
آسرو تو بند ۾ لوئي ڏنو!

سو چمي اکڙين سان دل سانڍي رکيو،
پيار سان تحفو اوهان جو ئي ڏنو!

’عائشہ‘ ننڊ آ مني ان لاءِ جو،
جاڳ ڪاٿي خواب آ ڪوئي ڏنو!

* *

قدم ٿا سونهن ڏي سوريون،
اتي ڏونگر ڏکيا ڏوريون!

لطيفي لات سان پنهنجو،
مٿا اندر هلي اوريون.

پيون سارن پرين توکي،
هزارين پيونءِ تي پوريون.

اسان سکڙن سان سورن کي،
نہ ٿا ويهي ڪڏهن توريون.

امن آٽڻ مٽائي ويو،
وڏيون هر جاءِ تي چوريون.

انهن ۾ لاش ماڻهن جا،
ڪراچيءَ ۾ ڏسو پوريون.

پري توکان رهان هاڻي،
اهي هن ڳالهڙيون ڳوريون.

بظاهر سرڪشيون جن وٽ،
اٿئي اندر ۾ سي پوريون.

ڏکائن جيءَ کي جيڪي،
مٽايو عادتون ٿوريون.

نہ سمجهہ عشق کي سوکو،
اٿو آفت اهو ڇوريون!

نہ ٿيون سي 'عائشہ' مرڪن،
جنين کي جيءَ اندر ڄُهوريون.

* *

ڏسيو، ڪاٿي سُڪي عورت رهي آ؟
ازل کان ڇڻ ڏکي عورت رهي آ!

ڏنائين وات تان لاهي نوالو-
ڀچن کي ڏس بکي عورت رهي آ!

حياتي تلخ ٿي پنهنجي گذاري،
نہ پر پو ڀي رُکي عورت رهي آ!

غلامي نيٺ ڪنهن هن کي ڏني جو،
خدا ريءَ ڀي جُهڪي عورت رهي آ!

حقيقت ۾ اچي ويو ڏينهن اهڙو،
سندي حق لئہ اُٿي عورت رهي آ!

ڏسو ان جي ڪلڻ ۾ بيوسيءَ کي،
سدا "عائشہ" دکي عورت رهي آ!

* *

جميل ڪردار ڪونہ ٿيندو، زبان تي جي جمال ناهي،
ترار تاڻي اگر ڪتي دل، اهو وڏو ڪو ڪمال ناهي.

اجان حياتي ٿڪي نہ آهي، تتيءَ ٿڌيءَ ۾ ڀلي ڪو ڪاهي!
اجان پرين ساهہ آ سفر ۾، اجان ڇڏڻ جو سوال ناهي!

اِهو وڏو ڪم ڪري جو ڪوئي، جيئي حياتي سدا ڀين لئہ،
مري ٿو تاريخ ۾ اُهو ئي، ٻڌيو جو بهتر مثال ناهي!

پڙهي چون ٿا اديب، شاعر، نواڻ ڪا شعر منجهہ ناهي،
چيم، شڪل سوَر جي آ ساڳي، نئون برابر خيال ناهي!

اجان ڏکن ۾ رهي ٿي "عائشہ" اجان تہ سڙندي حيات باقي،
اجان سُکن جو پتو نہ آهي، اجان ڏکن جو زوال ناهي.

* *

نہ ڪو فتنو ڦڏو آهي،
فقيرن جو لڏو آهي.

اڪيلو ساهہ آ توڙي،
هي سرتين جو لڏو آهي!

ٿئي بند مينهن نيڻ مان،
جهڳو جيءَ جو جڏو آهي.

سجو رت، ست ڏکن ڇُوسيو،
بچيو باقي هڏو آهي!

اهو گُوندر گهتائيندو،
خدا بيشڪ وڏو آهي.

هتي 'عائشہ' پيا گڏجن،
ڏکن جو دل اڏو آهي!

* *

پنهنجي پائٽي 'دعا' جي لاءِ

مان ڏسان ڪئن هر پهر، ننڍڙي دعا،
آ شفا جي منتظر، ننڍڙي دعا!

موت ڪان وڌ بي وسي آ اي خدا!
بات ان ڪان بي خبر، ننڍڙي دعا!

درد اُن جو آ طبيبن ڪان مٿي،
ٿي چئي، رب! پاجهہ ڪر، ننڍڙي دعا!

ڪو خوشي غم جو نٿس احساس اڄ،
يااللہ! ڏس بي فڪر، ننڍڙي دعا!

پيءُ پي پرواهہ م ڏاڍو رهي،
ماءُ پنهنجي جو جگر، ننڍڙي دعا!

سور ٿو لاهين خدا هر ساهہ جا،
پئي ڪري تنهنجو ذڪر، ننڍڙي دعا!

'عائشہ' تنهنجو ڪرم مولئ رهي،
ڪونہ ٿيندي دربدر، ننڍڙي دعا!

* *

سبق سور جاتي، دليون درسگاهون،
اتي آنءُ هوندس، ڪجو پيا پچائون.

نہ ڪاٿي ڪي راڪاس جا پير ڏسجن،
رهن شل امن ساڻ آباد راهون.

گهڙي ڪا گذاريون اوهان ساڻ ويهي،
تتيءَ ۾ ٿيو پيار واريون پناهون.

اسان وقت پنهنجو ڏنو شاعريءَ کي،
صدين تائين پرنديون اسانجون صدائون.

ڪراچي کان ڪشمور تائين ڏنو جن،
نظر ايندیون تن کي سوين ڪربلائون!

جنين جهول جيجل جي وسندڙ اُجاڙي،
رهن ڪين تن جون سلامت سي ٻانهون!

اسان پيا نيايون پلي آزمايو،
اوهان ساڻ ڏوريون ڪٿي من! ٿڪا هون.

پلا ڪيئن احساس ٿيندو ڏکن جو؟
ڪري ساهہ تي سور جي ڪونہ ڪاهون!

سنڀاري اباڻا، نهارن نماڻا،
وڇوڙن ۾ آيل! پئي رتُ رنائون.

نہ هي آس ۾ روز روئي نهارن،
ڪلن شل پيارا! نماڻيون نگاهون.

سدا 'عائشہ' گيت گونجن خوشين جا،
نہ بيزار ٿي ڪو ڀري آهون دانهون.

* *